اِنَّمَا اللّٰهُ اِلٰهٌ وَّاحِدٌ (النساء- ١٧١)

# توحيد

ڪراچي

وحده لاشريڪ له اهو وهائج وِيُ (شاهہ)

سنڌ ۾ توحيد جي دعوت لاءِ فڪر ۽ عمل
جون نيون راهون روشن ڪندڙ ماهوار
ڪتابي سلسلو_5

سرپرست اعليٰ: مفسر قرآن
حڪيم الاسلام مفتي عبدالوهاب چاچڙ

سرپرست
پروفيسر سيد عباد الله راشدي

چيف ايڊيٽر
محمد سليمان طاهر انڙ

ايڊيٽر
نور احمد ميمڻ

مشاورتي بورڊ
مفتي محمد صادق سومرو
عبدالستار عباسي
محمد انس راڄپر
محمد رفيق پرڪڙي
نديم احمد سولنگي

ربيع الثاني ١٤٣١ هہ مطابق اپريل 2010ع

## فهرست


| | | |
|---|---|---|
| حڪمت قرآن | ادارو | 2 |
| حڪمت رسول ﷺ | ادارو | 3 |
| اسماء الله الحسنيٰ... | حضرت روضي ڌڻي رحمة الله عليه | 4 |
| بادشاهي نظام بہ شرڪ جي برابر آهي | چيف ايڊيٽر | 5 |
| سرمائي پرستيءَ بابت حديث ۽ فقهہ جي راءِ | مولانا محمد انس راڄپر | 7 |
| اسوه رسول صلي الله عليہ وسلم | محمد سليمان طاهر انڙ | 10 |
| عليڪم بسنتي: سخاوت جو پيغمبرانہ طريقو | مولانا شعيب الرحمان کهڙو | 15 |
| ذاتي ۽ شخصي ملڪيت جي حقيقت مولانا سنڌي جي نظر ۾ | مولانا عبداللطيف نانگراج | 18 |
| انساني زندگيءَ جو اعليٰ نسب العين | نور احمد ميمڻ | 20 |
| مسلمنن جو عروج ۽ زوال | مولانا سعيد احمد | 22 |
| يورپ ۾ قرآن جون ايڊيشنون | علامہ عبدالله منهاس | 25 |
| زندگي گذارڻ جو ڍنگ | حافظ فضل الله احمد هاليجوي | 29 |
| نهوڙيندڙ عادتون | نديم احمد سولنگي | 32 |


سرڪيوليشن ۽ مواد لاءِ رابطي جي ايڊريس
حڪمت قرآن انسٽيٽيوٽ،
6 سنڌي جماعت ڪو آپريٽو سوسائٽي، جوڳي موڙ بس اسٽاپ
نيشنل هاءِ وي ڪراچي 75030 فون: 021-35000278 موبائل: 03132707097

www.hikmatequran.org email: hikmatequran@gmail.com

الله تعاليٰ جي توحيد ۽ معرفت ۽ سنت رسول ﷺ جو پيغام پنهنجي چوڌاري انسانن تائين پهچائڻ جي لاءِ ماهوار توحيد 100 پرچا 500 روپيين جي وي پي سان گهرائي دعوتي مشن ۾ شامل ٿيو.



# حڪمتِ قرآن

## صبر ۽ نماز

وَاسْتَعِيْنُوْا بِالصَّبْرِ وَالصَّلٰوةِ ؕ وَاِنَّهَا لَكَبِيْرَةٌ اِلَّا عَلَى الْخٰشِعِيْنَ ﴿٤٥﴾ الَّذِيْنَ يَظُنُّوْنَ اَنَّهُمْ مُّلٰقُوْا رَبِّهِمْ وَاَنَّهُمْ اِلَيْهِ رٰجِعُوْنَ ﴿٤٦﴾

”۽ صبر ۽ نماز کان مدد گهُرو ۽ اِها بيشڪ ڳري آهي، مگر عاجزي ڪندڙن تي ڳري نہ آهي، جن کي هن ڳالهہ جو بہ خيال رهي ٿو تہ کين پنهنجي پالڻهار سان ملڻو آهي ۽ هن ڳالهہ جو بہ تہ کين ان ڏانهن واپس ٿيڻو آهي.“ (البقره آيت 46)

ايمان جي واٽ تي هلڻ ٻارن جي راند نہ آهي. ان ۾ بہ چار نہ پر ڪيترا سخت مرحلا ايندا آهن. مسلمان هجڻ جو اعلان ڪرڻ جڻ ڪيترين پابندين کي قبول ڪرڻ ۽ ڪيترين مشڪلاتن کي دعوت ڏيڻ آهي.

قرآن حڪيم فرمايو تہ هن صورتحال ۾ جڏهن وڪ وڪ تي اوهانکي مدد جي ضرورت پوندي تہ اوهان کي صبر ۽ نماز کان مدد حاصل ڪرڻ گهرجي. ڇو تہ هي اها ڍال آهي جو اوهان کي هر وقت آفت کان بچائيندي ۽ هر آزمائش ۾ محفوظ رکندي. نماز ۾ هر وقت طاقتن جي مالڪ الله کي ياد ڪيو ويندو آهي ۽ صبر ۾ هر سختيءَ جو مقابلو ڪجي ٿو. اهي ٻئي ڳالهيون خدائي ڪمن جي لاءِ انسان کي غير مشروط عمل تي آماده ڪن ٿيون ۽ ماڻهو نفس پرستي يا مفاد پرستيءَ کان آجو ٿي وڃي ٿو. رهي اها ڳالهہ تہ صبر ۽ نماز جون خوبيون پاڻ ۾ ڪيئن پيدا ڪجن. ان لاءِ فرمايو ويو: هن لاءِ ٻن ڳالهين کي ياد رکو! هڪ هيءَ تہ اوهان جي محنت بيڪار نہ ويندي. اوهان کي پنهنجي رب کان ان تي انعام ملي رهندو. ٻي ڳالهہ هيءَ تہ جيڪڏهن اوهان هي عادت پيدا نہ ڪندؤ تہ اوهان کي ياد رکڻ گهرجي تہ هڪ نہ هڪ ڏينهن اوهان کي پنهنجي رب جي حضور ۾ حاضر ٿيڻو آهي ۽ ان تي اوهان کي پڪڙ ٿيندي تہ اوهان زندگيءَ جي ڪوشش ۾ پنهنجي اندر صبر ۽ نماز جي عادت ڇو نہ وڌي.

جديد نفسيات جو چوڻ آهي تہ ڪنهن عمل لاءِ بہ ٻئي محرڪ ٿي سگهن ٿا: رغبت ڏيارڻ يا ڊيڄارڻ. قرآن حڪيم پنهنجي هن ارشاد ۾ وڏي اجر جي خوشخبري ٻڌائي رغبت بہ ڏياري آهي ۽ پڪڙ جو بيان ڪري ڊيڄاريو بہ آهي ۽ جنهن ڳالهہ لاءِ اسان جي نفسيات مطابق هن نموني جو ڪلام اختيار ڪيو ويو آهي ان ۾ خدا ۽ رسول جو فائدو نہ آهي. اسان جو پنهنجو فائدو آهي. ڇا ڪو آهي جو اهڙي رحيم ۽ ڪريم آقا جي اڻ ڪٿ رحمتن جي وسعتن جو اندازو لڳائي سگهي؟

# حڪمتِ رسول صلي الله عليه وسلم

انالله يعطي على الرفق مالا يعطي على العنف

ترجمو: ”الله نرميءَ تي اها شيءِ عطا ڪندو آهي جيڪا سختيءَ تي ناهي ملندي. “

رسول الله ﷺ جي هن حديث ۾ فطرت جو هڪ قانون ٻڌايو ويو آهي ته خدا جي جوڙيل هن دنيا ۾ ڪاميابي حاصل ڪرڻ جو ذريعو هي آهي ته انسان هميشه امن جي دائري ۾ رهي. هو پنهنجي عمل جي رٿابندي پُرامن انداز ۾ ڪري، هو پنهنجي مقصد کي حاصل ڪرڻ لاءِ امن جي دائري مان ڪڏهن به ٻاهر نه وڃي، اهو ئي هن دنيا ۾ ڪاميابي جو راز آهي.

حضرت عائشه صديقه رضي الله عنها پيغمبر اسلام ﷺ جي جنرل پاليسي به هنن لفظن ۾ ٻڌائي آهي ته ”پاڻ ڪريمن ﷺ کي جڏهن به ڪن ٻن شين مان هڪ جو انتخاب ڪرڻو هوندو هو ته انهن مان آسان معاملي جو انتخاب ڪندا هئا.“ هن جو مطلب آهي ته پاڻ ڪريم ﷺ جهڳڙي وارن معاملن ۾ به ٽڪراءَ جو رستو ڇڏي ڏيندا هئا، جيڪو هميشه نقصان ۾ اضافي جو سبب بڻبو آهي. اهڙي موقعي تي پاڻ ﷺ هميشه امن جو طريقو اختيار فرمائيندا هئا، جيڪو هميشه سڌاري جي طرف وٺي وڃڻ وارو ثابت ٿيندو آهي.

پيغمبر اسلام ﷺ جن هيءَ تعليم ڏني ته ”پنهنجي دشمن سان وٺ جواب وارو سلوڪ نه ڪريو پر يڪطرفه طور تي ساڻس بهتر سلوڪ ڪريو. ان جو نتيجو هي نڪرندو ته توهان جو دشمن توهان جو دوست بڻجي ويندو.“ (حم سجده-34)

قرآن حڪيم جي انهيءَ آيت جي ذريعي پاڻ سڳورن ﷺ ماڻهن کي اهو ٻڌايو ته هر انسان الله جو پيدا ڪيل آهي. ڪو انسان جيڪڏهن ظاهري طرح دشمن نظر اچي ته تڏهن به ان کي دشمن نه سمجهو بلڪ ڪيس پنهنجو امڪاني دوست سمجهو. ماڻهن جي منفي رويي جي مقابلي ۾ توهان مثبت رويو اختيار ڪيو. اهڙي طرح انسان جي اندر جي فطرت جاڳي پوندي ۽ ڪلهه جو دشمن توهان جو اڄ جو دوست بڻجي پوندو. انهيءَ اصول کي اختيار ڪري پاڻ سڳورن ﷺ پنهنجي همعصر عربن جي وڏي حصي کي پنهنجو دوست بڻائي ورتو. ان سلسلي ۾ سوال تو پيدا ٿئي ته ماڻهو پنهنجي روزاني زندگيءَ ۾ ڪهڙي طرح امن سان رهي. پاڻ سڳورن ﷺ جي اصحابن مان هڪ شخص پاڻ سڳورن ﷺ کان ساڳيوئي سوال ڪيو. هُن پڇيو ته ”اي الله جا رسول! ﷺ مون کي ڪو اهڙو مختصر فارمولو ٻڌايو جنهن کي مان پنهنجي سموري زندگيءَ جو اصول بڻايان.“ پاڻ سڳورن ﷺ فرمايو ”لا تغضب“ (تون غصو نه ڪندو ڪر). هي روزاني زندگيءَ کي پرامن بڻائڻ جي لاءِ ماسٽر فارمولا آهي. گهر جي اندر يا گهر کان ٻاهر جي زندگيءَ ۾ جيڪا شيءِ امن کي ختم ڪندي آهي اُها غصو آهي. ماڻهو جيڪڏهن صرف اهو ڪري جو جڏهن ڪيس غصو اچي ته هو خاموش ٿي وڃي ۽ پنهنجي غصي تي ڪنٽرول ڪري، اُن ڪانپوءِ هو پنهنجو پاڻ هڪ پر امن انسان بڻجي ويندو.



# اسماءِ الله الحسنيٰ[1]: حضرت روضي ڌڻي رحمة الله عليه

## المَلِكُ

هي الله تعاليٰ جو نالو آهي، جنهن جي معنيٰ آهي: اهڙو بادشاهه، جيڪو ٻنهي جهانن جو مالڪ هجي. ٻئي جهان سندس قدرت ۽ قبضي هيٺ هجن. حقيقي بادشاهه ته صرف خدا تعاليٰ ئي آهي. اهو هر شيءِ تي غالب آهي ۽ سمورين شين کي وجود ڏيڻ، انهن جو وجود ختم ڪرڻ، جيارڻ، مارڻ ڪجهه به نه ڏيڻ ۽ گهڻو ڪجهه بخشڻ جو حق ۽ اختيار فقط ان ذات کي ئي آهي. هو پاڻ پنهنجي ذات ۽ صفات ۾ هر شيءِ کان بي نياز آهي، جڏهن ته دنيا جي هر موجوده شيءِ پنهنجي ذات ۽ صفت، وجود ۽ بقا، فعل ۽ اثر ۾ ان جي ئي محتاج آهي. ان کان سواءِ ٻي جيڪا به شيءِ آهي، اها سندس ئي حڪم هيٺ ۽ سندس ئي اڳيان جُهڪندڙ آهي ۽ اهو پاڻ هر شيءِ کان بي پرواهه آهي. پنهنجي جوڙيل تقدير (يعني ان جا قانون) ۽ تدبير (يعني ان جي مشيت) ۾ پاڻ اڪيلو ئي بااختيار آهي. ڪوبه سندس حڪم کي رد ڪرڻ وارو نه آهي، تنهن ڪري اهو ئي علي الاطلاق (هر لحاظ کان) بادشاهه ۽ حاڪم آهي. (۽ ان جي ئي جوڙيل قانونن هيٺ شين ۽ عملن جا اثر ۽ نتيجا مرتب ٿين ٿا.)

**تعلق:** عارف لاءِ هن اسم مبارڪ سان تعلق قائم ڪرڻ جو طريقو هي آهي، ته هو الله تعاليٰ جي طاقت ۽ تصرف سان ئي لاڳاپيل رهي ۽ ماڻهن کان مڪمل طرح بي نياز ٿي وڃي ۽ انهن جي اڳيان پنهنجي ڪابه ضرورت هرگز ظاهر نه ڪري، نه ئي وري انهن کان ڪو خطرو ۽ خوف محسوس ڪري، نه ئي وري انهن مان ڪا اميد ۽ آسرو رکي.

**تخلق:** هن اسم شريف سان تخلق (صفت اپنائڻ) جو طريقو هي آهي، ته ٻانهو پنهنجي نفس ۽ ظاهري جسم توڙي دل تي ضابطو رکي. پنهنجي ظاهري عضون ۽ قوتن تي خود اهڙو اختيار حاصل ڪري، جو انهن کي عبادت الاهي ۽ خدائي حڪمن جو تابع بڻائي ڇڏي. جيئن هو پنهنجي وجود (جسم ۽ جان) جي دنيا جو حاڪم بڻجي وڃي. ان سان گڏ پنهنجي تعلق وارن ماڻهن تي پڻ تصرف ڪري، يعني انهن تي پنهنجو اختيار هلائي. ڪين انهن جي پنهنجي مرضيءَ تي نه ڇڏي، پر انهن کان متاثر ٿيڻ بجاءِ انهن تي اثر انداز ٿئي.

**تعبد:** عبدالملڪ: يعني ”الملڪ“ جو ٻانهو اهڙي شخص کي سڏيو ويندو، جيڪو پنهنجي نفس کي الله جا احڪام مڃائڻ جي قوت رکي ۽ نفس تي پنهنجي گرفت به مضبوط رکي.

ايڊيٽوريل
چيف ايڊيٽر

# بادشاهي نظام به شرڪ جي برابر آهي

الله سبحانہ و تعاليٰ جي وجود کي مڃڻ ايمان آهي. ان ذات کي پنهنجن صفتن ۽ وصفن ۾ اڪيلو سمجهڻ توحيد آهي، جڏهن تہ مخلوق مان ڪنهن بہ شيءِ جاندار يا غير جاندار، زنده يا مرده، ڪنهن کي بہ ڪنهن صفت ۾ شريڪ تصور ڪرڻ، ان سان ڀائيوار ڄاڻڻ شرڪ آهي. قرآن مجيد ۾ خاص طرح الله تعاليٰ لاءِ ٽن صفتن جو ذڪر ڪيو ويو آهي. ربّ- مَلِڪ- اِلٰهِ – يعني رَبُّ الناسِ. مَلِڪ النّاس – اِلٰہُ النّاس.

سموري ڪائنات جو رب، پاليندڙ، سنڀاليندڙ، نپائيندڙ، ربوبيت جو نظام ڏاهيندڙ. ڪائنات جي هر شيءِ لاءِ خوراڪ ۽ ڪفالت جو انتظام ڪندڙ، وسيلا ٺاهيندڙ ۽ انهن کي مهيا ڪندڙ، انهن جي سڪيا ڏيندڙ، انهن سڀني ڪمن ۾ هو اڪيلو منتظم ۽ عطا ڪندڙ آهي. انهن ڪمن مان ڪنهن بہ شيءِ ۾ ڪنهن بہ مخلوق جو ذري برابر بہ دخل ناهي، نہ وري انهن کي ڪو اختيار آهي، نہ وري اهڙي حيثيت حاصل آهي. ساري مخلوق پاڻ پنهنجي ذات لاءِ بہ رب تعاليٰ جي مڪمل طرح محتاج آهي. ٻي مخلوق جي ذميواري تہ پري جي ڳالهہ آهي. مخلوق مان هرشيءِ فاني هئي. عدم جي دور ۾ هئي پوءِ رب تعاليٰ جڏهن چاهيو تہ ان مان هر هڪ کي هڪ وجود مليو. مگر اهو وجود بہ باقي نہ رهندو. وري ان تي فنا ايندي.

وَكُنْتُمْ اَمْوَاتًا فَاَحْيَاكُمْ ۚ ثُمَّ يُمِيْتُكُمْ ثُمَّ يُحْيِيْكُمْ (البقره-28)

توهان فنا جي حالت ۾ هيؤ پوءِ اوهان کي زندگي ڏني وئي. پوءِ وري اوهان تي موت طاري ٿيندو. وري پوءِ قيامت جي ڏينهن زندگي ڏيئي اٿاريا ويندؤ ۽ ان ڏانهن سڀني جي موٽ ٿيندي. ڇا فاني مخوق مان ڪنهن جي حيثيت آهي، ڪنهن کي قدرت آهي، ڪنهن کي مجال آهي تہ هو سموري مخلوق جو رَبُّ ٿي سگهي. هاڻي اها ڳالهہ ثابت ٿي وئي تہ ربوبيت ۾ ڪو بہ الله تعاليٰ سان شريڪ ناهي. چاهي اهو نبي هجي يا امام، ولي هجي يا بزرگ، فرشتو هجي يا جن يا جيڪو اوهان ذهنن ۾ ٺاهيو ۽ گهڙيو آهي، انهن مان ڪو بہ رب ناهي. ڪنهن کي بہ رب سمجهڻ يا رب وارو معاملو ڪرڻ خالص شرڪ ۽ ڪفر آهي.

ٺيڪ ان طرح "مَلِڪ النّاس" بہ الله تعاليٰ جي ذات مقدس آهي. يعني اهو ئي حاڪم، بادشاهہ- حڪم ڏيندڙ ۽ حاڪميت جي مقام تي فائز آهي. ساري مخلوق عبديت جي درجي ۾ آهي. علي الاطلاق فقط الله تعاليٰ جي اطاعت لازم آهي. قرآن مجيد ۾ فرمايو ويو تہ " الا لهہ الخلق والامر ط" مخلوق فقط ان جي آهي ۽ ان تي حڪم بہ ان جو ئي لاڳو ٿيندو. حڪم لاءِ ضروري آهي تہ ان جي ملڪيت هجي. مخلوق جو مالڪ خدا آهي. ان ئي ساري مخلوق کي پيدا ڪيو آهي ۽ فقط ان کي جڳائي ٿو تہ مخلوق کي پنهنجي حڪم هيٺ هلائي. انسانن لاءِ اطاعت جو نظام ٺاهڻ ۽ انهن کي طبعي ۽ فطري



قانونن تي هلائڻ، پنهنجي مشيّت هيٺ ڪائنات جي چرخي کي ضابطي ۾ آڻڻ اها وصف خداوندي آهي، ان ۾ ٻي ڪنهن جو بہ دخل ناهي. ڪنهن کي بہ حق ناهي نہ وري اختيار آهي تہ هو ذري جيتري بہ مرضي هلائي سگهي. جيڪي ماڻهو اختيار ۽ اقتدار جو پاڻ کي مختار سمجهن ٿا. انسانن کي غلام بڻائي پاڻ کي بادشاهہ ۽ حاڪميت جو مجاز تصور ڪن ٿا. اهي خالص شرڪ ۽ ڪفر ۾ ڦاٿل آهن. انهن حاڪميت الاهي تي ڌاڙو هنيو آهي. اهي خيانت ڪار ڏوهاري آهن.

ان طرح دنيا ۾ جيڪي ڊڪٽيٽر، آمر، فوجي جنرل، بادشاهہ ۽ عوام کي غلام بڻائيندڙ حڪمران موجود آهن، انهن سڀني کي باغي، ڌاڙو ۽ خائن سمجهڻ گهرجي. انهن سڀني تاريخ جي هر دور ۾ پنهنجو پاڻ کي پنهنجي حيثيت کان وڌيڪ سمجهيو ۽ عوام سان دوکيبازي ۽ فريب ڪاري ڪئي. ان ڪري هو جلد ئي دنيا ۾ بہ عبرت جو نشان بڻجي ويا ۽ هولناڪ انجام تي پهتا ۽ آخرت ۾ بہ ڪين اصل چهرو ڏيکاريو ويندو. جڏهن چيو ويندو تہ "ابن الملوڪ، ابن الجبارون؟"

دنيا ۾ بادشاهي جا نعرا هڻڻ وارا ڪٿي آهن سامهون اچن، ڏاڍ ۽ ظلم سان حڪومت ڪرڻ وارا ڪٿي آهن. ماڻهن جي سامهون اچن. ان طرح قرآن مجيد ۾ الله سبحانہ و تعاليٰ کي " الهہ الناس" يعني سمورن انسانن جو معبود برحق قرار ڏنو ويو آهي. الٰهُ فقط الله تعاليٰ جي ذات آهي. مخلوق مان ٻي ڪا بہ هستي نہ الـٰہ آهي نہ وري الـٰہ ٿي سگهي ٿي. ان ڪري ايمان آڻڻ لاءِ اهو اقرار ڪرڻ لازمي آهي تہ اللّٰه تعاليٰ ئي الـٰہ آهي ٻيو ڪو بہ الـٰہ ڪونهي "لاالـٰہ الاّ اللّٰه"

حمد ۽ ثنا، رڪوع ۽ سجدو، دعا ۽ سوال. عبوديت جون سموريون رسمون، انسان جو احتياج ۽ مجبوري جون سموريون صورتون فقط الله سبحانہ و تعاليٰ لاءِ مخصوص آهن. ڪنهن بہ نبي مرسل، ڪنهن بہ ولي بزرگ ۽ ڪنهن بہ محترم شخصيت يا مخلوق مان ڪنهن بہ قوت ۽ طاقت جي ظاهري حيثيت رکندڙ يا وهم گمان ۾ ايندڙ ڪنهن بہ شيءِ آڏو احتياج جا هٿ ڊگهيرڻ خالص شرڪ آهي.

توحيد جي مڃڻ لاءِ تمام وصفون الله تعاليٰ لاءِ مخصوص ڪيون ويون آهن. خاص طرح ربوبيت، حاڪميت ۽ الوهيت ۾ ڪنهن بہ طرح جو شرڪ ناقابل برداشت آهي. معاشري ۾ خدا تعاليٰ جي حاڪميت ۾ شرڪ ڪرڻ سان وڏو فساد برپا ٿئي ٿو. هر دور ۾ انسانن جو هڪ گروهہ مستڪبرين جي شڪل ۾ رونما ٿئي ٿو ۽ هو خدائي اختيارات سنڀالڻ جي ناڪام ڪوشش ڪري ٿو. عوام کي غلامي جا طوق پارائي ٿو. انهن کي ضعيف ۽ ڪمزور بڻائي پنهنجو ٻانهون بڻائڻ تي مجبور ڪري ٿو.

توحيد آزادي جو پروانو آهي ان عقيدي سان انسان آزادي واري زندگي گذاري سگهن ٿا. جڏهن تہ شرڪ ذلت ۽ غلامي جي نشاني آهي. جنهن سان شرفِ انسانيت مجروح ٿئي ٿو. انسان اسفل السافلين تائين پهچي وڃي ٿو. مشرڪ دنيا ۾ بہ دربدر ٺوڪرون کائيندو رهي ٿو ۽ آخرت ۾ بہ ان جو ڪو والي وارث نہ هوندو. ڇو تہ هُن دنيا ۾ خدا جي ولايت کان منهن موڙيو ۽ جن کي وارث ۽ موليٰ قرار ڏنائين تہ اهي قيامت ڏينهن هن کان بيزار ٿي ويندا. مشرڪ جو انجام " خَسر الدنيا ولآخِره – ذَالڪ هوُ الخُسران المبين"

مولانا محمد انس راڄپر

# سرمائي پرستي ۽ بابت حديث ۽ فقه جي راءِ

مون پنهنجي گذريل مضمون ۾ سرمائي پرستي، گھڻي کان گھڻي سرمائي جي حصول جي ڪوشش، سرمائي طلبي وغيره جي حوالي سان چند گذارشون قرآن شريف جي روشنيءَ ۾ عرض رکيون هيون.

قرآن شريف سرمائي طلبيءَ جي روش کي "استغناء" ۽ "تڪاثر" جي اصطلاحن سان تعبير ڪيو آهي. لفظ "تڪاثر" مفاعلة جي باب مان آهي. جنهن جي معنيٰ آهي: "هڪ ٻئي کان گھڻي دولت حاصل ڪرڻ جي ڊوڙ". ان عمل جي سورة "تڪاثر" ۾ مذمت ڪئي وئي آهي.

اڄ ڪلھ "تڪاثر" جي جڳھ تي "مسابقت" جو اصطلاح ڪتب اچي ٿو. مسابقت يا گوءِ پچائڻ، سرمائيدارانہ نظام جو بنياد ۽ ان جو روح آهي. مسابقت جيڪڏهن سرمائيدارانہ نظام مان نڪري وڃي تہ اهو پاڻ ئي اچي پٽ تي ڪرندو. ان ڪري قرآن شريف ۾ الله تعاليٰ مسابقت (هڪ ٻئي کان معاشي ميدان ۾ اڳتي نڪرڻ) جي عمل جي "تڪاثر" جي اصطلاح سان مذمت ڪئي آهي.

مسابقت جا انساني نفس جي اندر سرچشما آهن. حرص، حسد، غرور ۽ تڪبر، ماڻهوءَ ۾ مسابقت جي روش انهن سرچشمن مان ڦٽندي آهي. قرآن شريف جي روشنيءَ ۾ آءٌ ان تي پوئين دفعي چند گذارشون عرض ڪري چڪو آهيان. منهنجي خواهش هئي تہ حديث ۽ فقه مان بہ ڪجھ ان بابت معلومات هٿ ڪري پڙهندڙن آڏو پيش ڪجي. خوشقسمتيءَ سان اها مونکي هڪ هنڌ جائتي ٿيل هٿ چڙهي وئي، مون کي اها مخدوم عبدالواحد سيوهاڻي جي رسالي "حسن الفهم والتعقل في جمع الكسب والتوكل" ۾ ملي وئي، ان جو اختصار عرض ڪجي ٿو.

مخدوم عبدالواحد فقه حنفي جي ماخذن: الملتقي، هاوي الفتاوي، سراجي ۽ تحفة الفقه جي حوالن سان ڪمائڻ جا چار قسم ذڪر ڪيا آهن. (1) فرض (2) مستحب (3)مباح (4) حرام.

(1) **فرض:**

پنهنجي ذات ۽ اهل عيال جي ڪفايت ۽ قرض ادا ڪرڻ جيترو مقدار ڪمائڻ فرض آهي. جيڪو پنهنجي ذات ۽ اهل عيال لاءِ محنت ڪري ۽ پورهيو ڪري حلال رزق ڪمائڻ



جي ڪوشش نہ ٿو ڪري سو فرض جو تارڪ آهي. مخدوم صاحب ان تي وڏيڪ بہ بحث ڪيو آهي ۽ قرآن مان "فضل" جي طلب بابت جيڪي آيتون آهن، سي دليل طور پيش ڪري انهن تي اقوال مفسرين جي روشنيءَ ۾ بحث ڪيو آهي.

(2) **مستحب:**

پنهنجي ضرورتن ۽ ڪفايت کان وڌيڪ، فقير ۽ محتاج جي مدد لاءِ ڪمائڻ مستحب آهي. لکي ٿو تہ ادنيٰ ڪفايت کان وڌيڪ فقير ۽ محتاج جي مدد لاءِ ڪمائڻ نفلي عبادت کان افضل آهي.

(3) **مباح ۽ جائز:**

ضرورت جون شيون وڌيڪ بهتر طور حاصل ڪرڻ لاءِ ڪمائڻ جائز آهي. مثال ڪفايت جيترو سنو ڪاڌو، سنو لباس ۽ سٺي رهائش لاءِ ڪمائڻ. اهو جائز آهي. ان جي اجازت ڏئي سگھجي ٿي.

(4) **حرام:**

هڪ ٻئي کان پاڻ کي وڌيڪ فخر وارو، گھڻائي وارو ڏيکارڻ ۽ آڪڙ، تڪبر ۽ غرور لاءِ ڪمائڻ ۽ گڏ ڪرڻ حرام آهي. ڪمائڻ جو هيءُ قسم زرپرستي، سرمائي پرستي، تڪاثر ۽ مسابقت آهي. اهوئي قسم سرمائيداريءَ جو بنياد آهي جنهن کي قرآن جي هدايتن ۽ حنفي فقيهن حرام قرار ڏنو آهي.

مخدوم عبدالواحد ڪمائڻ جا مٿيان چار قسم بيان ڪري هيٺين حديثن کي حنفي مسلڪ جي انهيءَ تقسيم جي دليل طور ذڪر ڪيو آهي.

1_ ابو هريره رضي الله عنه کان مروي آهي تہ رسول الله ﷺ جن فرمايو: "جنهن حلال دنيا طلب ڪئي (هن مقصد لاءِ) تہ پاڻ کي مسئلن کان بچائي ۽ پنهنجي اهل لاءِ پلو ڪري ۽ پاڙي واري تي مهربان ٿئي، سو جڏهن قيامت جي ڏينهن الله سان ملندو تہ ان جو چهرو چوڏهينءَ جي چنڊ وانگر ڀڪندڙ هوندو. پر جنهن حلال دنيا گھڻي لاءِ، فخر لاءِ ۽ ڏيکاء لاءِ طلب ڪئي تہ اهو قيامت جي ڏينهن جڏهن الله سان ملندو تہ الله مٿس ڏمريل هوندو." (بيهقي_ ابو نعيم)

2_ ڪعب بن عجره رضي الله عنه کان مروي آهي تہ نبي ﷺ جن هڪ ڏينهن اصحابن سڳورن سان ويٺل هئا. سندن نظر هڪ نوجوان تي پئي. جيڪو تازي ڪل وارو ۽ طاقتور هو، محنت ڪري رهيو هو. ماڻهن چيو: هن لاءِ بربادي هجي. ڪيڏو نہ چڱو ٿئي ها جيڪڏهن سندس ڪل الله جي رستي ۾ ڪم اچي ها!" اهو ٻڌي رسول الله ﷺ جن فرمايو: "ان کي نہ چئو، اهو جيتوڻيڪ پنهنجي نفس لاءِ محنت ڪري رهيو آهي تہ پاڻ کي مسئلن کان بچائي، پاڻ کي ماڻهن کان بي پرواھ ڪري تہ اهو بہ الله جي

رستي ۾ آهي. جيڪڏهن اهو پنهنجي والدين لاءِ محنت ٿو ڪري ته انهن کي پريشانين کان بچائي، ته اهو به الله جي رستي ۾ آهي. پر جيڪڏهن فخر، آڪڙ ۽ گهڻي خاطر ٿو محنت ڪري ته پوءِ اهو شيطان جي رستي ۾ آهي.“ (طبراني)

هنن ٻن حديثن ۽ فقه حنفيءَ جي ڪمائڻ جي قسمن ۾ سرمائي پرستي زرطلبي، تڪاثر ۽ مسابقت جي خلاف قرآن جي مذمت ۽ ڌڪار جو پورو پورو عڪس چٽائيءَ سان ڏسي سگهجي ٿو. حديثن ۾ فخر، آڪڙ ۽ گهڻي جي طلب جي لفظن سان ان روش جي مذمت ڪئي وئي آهي.

اسان جي بدقسمتي آهي ته قرآن جي ان قسم جي تعليم کي نظر انداز ڪيو ويو آهي. ان کي جيڪا اهميت ڏيڻ گهرجي ۽ ان جي روشنيءَ ۾ اجتماعيت ۽ معاشرت جا جيئن بنياد رکڻ گهرجن، سي نه رکيا ويا آهن.

ڪاش اسان جا باصلاحيت ماڻهو، جيڪي پنهنجي علم، مهارت ۽ هنر جي ذريعي گهڻي کان گهڻي پيداوار ۽ سرمايو حاصل ڪري سگهن ٿا، سي پنهنجون اهڙيون صلاحيتون زرپرستيءَ بجاءِ معاشري ۾ غريب طبقن جي بهبود لاءِ استعمال ڪن ته هوند عبادت الاهيءَ جي عظيم عمل جي ثواب جا حامل ٿي پون.

---

## حڪمتِ قرآن انسٽيٽيوٽ

- **قرآن حڪيم جي عصري اعلي تعليم ۽ تحقيق جو ادارو**
- **قرآن حڪيم جي دعوت، پرچار ۽ اشاعت جو ادارو**
- **عهد حاضر جي لاءِ مثالي ماڻهن جي تياري جو ادارو**
- **امام شاه ولي لله جي تعليمي طريقي تي قرآن حڪيم جي عملي الاهياتي ۽ سماجي شعور جو ادارو**

الحمدلله 2 سالن کان سڄي ملڪ جي ڪنڊڪڙڇ مان سوين عالم، استاد، شاگرد، دانشور، ڊاڪٽر، انجنيئر ۽ مختلف شعبن جا ماڻهو خط و ڪتابت ذريعي فهم قرآن، تدبر قرآن ۽ حڪمت قرآن ڪورسن جي تعليم حاصل ڪري رهيا آهن. امام شاه ولي الله رحه جي تعليمي طريقي تي جوڙيل هنن ڪورسن ذريعي قرآن مجيد جي عملي الاهياتي فڪر ۽ سماجي شعور سان نه صرف انهن جي علمي ۽ عملي صلاحيتن ۽ استعداد ۾ اضافو ٿي رهيو آهي بلڪ پنهنجي شخصيت جي ارتقا ۽ سماج لاءِ مؤثر ڪردار جي ادائگي جا مقصد به حاصل ڪري رهيا آهن.

اوهان به قرآن حڪيم جي ذريعي الله جي موڪليل هدايت ۽ حڪمت کان بهره ور ٿيڻ گهرو ٿا ته هيٺين ايڊريس تي خط لکي داخلا فارم گهرائي سگهو ٿا.

**حڪمت قرآن انسٽيٽيوٽ: 6- سنڌي جماعت ڪوآپريٽو سوسائٽي، نيشنل هاءِ وي ڪراچي 75030 فون: 0313-2707097**



**محمد سليمان طاهر انڍڙ**

# اُسوه رسول ﷺ

الله سبحانه و تعاليٰ جي طرفان، انسانن لاءِ بنيادي هدايت قرآن مجيد ذريعي پوري ڪئي وئي آهي. قرآن مجيد سڌي واٽ ڏيکاريندڙ ڪتاب آهي. جنهن رستي جي اسان کي ضرورت هئي يا جنهن جي ذريعي اسان اهڙي حياتي گذاري سگهون جنهن ۾ سڪون ۽ آرام ملي سگهي ته ان واٽ جي رهنمائي قرآن مجيد ڪري ٿو. قرآن مجيد حقيقت ۾ صراط مستقيم آهي. سڌو رستو يا سڌي سنئين واٽ. قرآن مجيد اسان تائين پهچائيندڙ سيدنا محمد صلي الله عليه وسلم جن جي ذات گرامي آهي. هي ڪتاب سندن قلب مبارڪ تي نازل ٿيو. قرآن مجيد جو شارح، مفسرّ ۽ عملي طرح ان جو نمونو پيغمبر اسلام ﷺ جن پاڻ آهن. قرآن مجيد گواهي ڏئي ٿو ته:

يٰسٓ ۝ وَالْقُرْاٰنِ الْحَكِيْمِ ۝ (يٰس.1,2)

حڪمت، دانائي ۽ ڏاهپ سان ڀريل هي ڪتاب گواهي ڏئي ٿو ته هي ڪتاب خدا تعاليٰ جو ڪلام آهي، ڪنهن انسان جو ٺاهيل ناهي. قرآن مجيد سورة البقره ۾ چئلينج ڏنو ته جيڪڏهن توهان جو خيال آهي ته هي ڪتاب خدائي ڪلام ناهي بلڪ انسان جو ٺاهيل آهي ته اوهان سڀ جا سڀ ۽ دنيا جا سمورا عالم، اديب، ڏاها ۽ ڄاڻو گڏجي ڪري ان ڪلام جهڙي فقط هڪ سورت ٺاهي ڏيکاريو. ان چئلينج جو جواب ان وقت ۽ اڄ تائين نه آيو آهي. معلوم ٿيو ته هي ڪلام الله تعاليٰ جو نازل ڪيل آهي ۽ جنهن تي نازل ٿيو آهي اهو الله تعاليٰ جو رسول ۽ نمائندو آهي. ان ڪري فرمايو ويو ته :

اِنَّكَ لَمِنَ الْمُرْسَلِيْنَ ۝ (يٰس.3)

قرآن مجيد جي گواهي آهي ته توهان رسولن جي جماعت مان هڪ رسول آهيو. جڏهن قرآن مجيد خدا جو ڪلام آهي ۽ اوهان رسول الله آهيو ته پوءِ لازمي طرح اوهان جي زندگي جو هر عمل ۽ اوهان جو اسوه سڌي واٽ جي رهنمائي ڪرڻ وارو ليکيو ويندو. ان ڪري فرمايو ويو.

عَلٰي صِرَاطٍ مُّسْتَقِيْمٍ ۝ (يٰس.4)

اوهان سڌي رستي تي هلندڙ آهيو.

صورت الفاتحه ۾ دعا جي صورت ۾ جنهن ”صراط مستقيم“ جي طلب ڪئي وئي آهي. اها راهه سڀ کان پهريائين نبين جي راهه آهي ۽ ان راهه تي رسول اڪرم ﷺ جن گامزن آهن. ان طرح سڌي واٽ سيرت طيبه، اسوه رسول ﷺ ۽ سنت ۽ حڪمتِ رسول ﷺ ۾ موجود آهي. ان ڪري فرمايو ويو ته:

مَنْ يُّطِعِ الرَّسُوْلَ فَقَدْ اَطَاعَ اللّٰهَ ۚ (النساء.80)

جنهن شخص اسوه رسول ﷺ جي پيروي ڪئي ان ڄڻ ته الله تعاليٰ جي اطاعت ڪئي.

اسوه رسول ﷺ حقيقت ۾ ڪلام الاهي جي پيروي جي عملي شڪل آهي. ان ڪري ئي سيده عائشه صديقه رضي الله عنها تعاليٰ عنهما هڪ صحابي سعد ابن هشام جي ان سوال پڇڻ تي ته پاڻ ڪريم صلي الله عليه وسلم جن جا اخلاق ڪهڙا هئا؟ هي ارشاد فرمايو هيو ته ”ڪان خُلقه القرآن“ سندن اخلاق قرآن مجيد جو عملي نمونو هئا.

قرآن مجيد جي تعليم ۽ رسول اڪرم صلي الله عليه وسلم جن جو اسوه حسنه (سنت ۽ حڪمت) گڏجي صراط مستقيم جي نشان دهي ڪن ٿا. جيڪو مسلمان ان هدايت جو اتباع ڪري ٿو اهو قيامت جي ڏينهن شهيد ٿي حاضر ٿيندو. پنهنجي علم ۽ عمل سان اهو گواهي ڏيندڙ هوندو .

لِّتَكُوْنُوْا شُهَدَآءَ عَلَى النَّاسِ (البقره 143)

صراط مستقيم تي هلڻ جي سبب اوهان ڪي شهادت جي مقام تي فائز ڪنداسون ۽ اوهان قيامت جي ڏينهن شهداء جي فهرست ۾ ڳڻيا ويندا.

ان طرح حضرت رسول اڪرم ﷺ جن ڪي به شهادت جو مقام عطا ڪيو ويندو.

وَيَكُوْنَ الرَّسُوْلُ عَلَيْكُمْ شَهِيْدًا ط (البقره 143)

پاڻ ڪريم ﷺ جن به اوهان تي گواهي ڏيندڙ هوندا.

صراط مستقيم تي هلڻ لاءِ جامعيت ۽ توازن جو هجڻ ضروري آهي. جيڪي فرائض ۽ واجبات آهن انهن تي هميشگي ڪئي وڃي. ان طرح محرمات (نفس قطعي سان جن شين کي حرام قرار ڏنو ويو آهي) کان مڪمل پاسو ڪيو وڃي. حلال ۽ حرام جي وچ تي ڪي شيون هونديون آهن جن کي مشتبه چئبو آهي. پرهيزگار مؤمن انهن کان به پري رهندا آهن. عام طرح ڏنو ويو آهي ته دين جي هدايتن تي هلڻ ۾ اڻ ڄاڻائي ڪم عقلي ۽ پنهنجي وهم گمان کي سامهون رکيو ويندو آهي. مثلن ڪو شخص نماز نه پڙهندو پر ڏاڙهي رکائيندو. سود ۽ رشوت کان پاسو نه ڪندو مگر نفلي عمرو هر سال ڪرڻ ويندو. مٽ مائٽ ۽ پاڙيواري جي مدد ڪرڻ کان ڪيٻائيندو مگر ڏيکاءَ خاطر خيرات جون ديڳيون پچائيندو. خدائي فرضن پوري ڪرڻ جو اونو نه هوندس، مگر ميلاد جي محفلن، محرم جي مجلسن، بزرگن جي عرسن ۽ واعظي جلسن ۾ شريڪ ٿيڻ لاءِ وقت ۽ پئسي ضايع ڪرڻ لاءِ هر وقت تيار هوندو. دين جون اهڙيون رسمون ۽ رواج ۽ غير ضروري ڪمن کي اهميت ڏيڻ سان مسلمانن جو پورو معاشرو زوال پذير ٿي وڃي ٿو.

جيڪو مسلم معاشرو جهاد، قتال، انفاق، تبليغ، شهادتِ حق، حقوق العباد ۽ مسلمانن جي اجتماع فلاح ۽ بهبود کان بي تعلق بڻجي وڃي ۽ دين کي رسمن ۽ رواجن ۾ مشغول رهڻ تائين محدود ر ڪيو وڃي ته اهو دين صراط مستقيم تي هلڻ، ۽ مسلمانن کي اسوه رسول ﷺ تي گامزن ٿيڻ وارو دين نه سمجهو ويندو، بلڪ اهو دين وهم ۽ گمان جي



پيروي ڪرڻ ۽ نفساني خواهشن کي پوري ڪرڻ وارو دين ليکيو ويندو. اڄ جي امت مسلمه انهي افسوسناڪ صورتحال ۾ مبتلا آهي.

مسلم امت لاءِ آخري دين، اسلام جي صورت ۾ پسند ڪيو ويو. ان لاءِ قرآن مجيد کي آخري سڏي واٽ قرار ڏنو ويو. حضرت سيدنا رسول اڪرم صلي الله عليه وسلم جن کي ختم نبوت سان سرفراز ڪيو ويو. هن کان اڳ سمورن پيغمبرن جا اسوه قابل تقليد هئا پر انهن جي حفاظت نه ٿي سگهي. جڏهن دنيا وڏي ان دور تائين پهتي جڏهن مڪمل حفاظت ممڪن ٿي سگهي ته آخري ڪتاب ۽ آخري پيغمبر انسانن کي عطا ڪيو ويو. ختم نبوت لاءِ اهو به لازمي هيو ته هن دين جو دنيا جي سيني دينن تي غلبو ٿي وڃي ۽ دين ڪسمپرسي ۽ يتيمي واري حالت ۾ نه رهي. چنانچه پيغمبر عليه السلام جي پاڪ زندگي ۾ ئي جزيرة العرب ۾ اسلام کي سياسي غلبو عطا ٿي ويو ۽ پوءِ سندن برحق خليفن جي دور ۾ قيصر ۽ ڪسريٰ (روم ۽ فارس) جي طاغوتي حڪومتن کي مليا ميٽ ڪري دنيا ۾ رهندڙ عمومي انسانن کي جبر، ڏاڍ ۽ غلامي مان نجات ڏياري ڪين آزادي ۽ خوشحالي سان همڪنار ڪيو ويو.

حضرت سيدنا محمد مصطفيٰ ﷺ جن جي اسوه حسنه ۾ هيءُ پهلو نهايت نمايان آهي ته پاڻ هڪ مجاهدانه زندگي گذاريندا هئا. آسائشن ۽ سهولتن کان ڪنارو ڪندا هئا. سندن زندگي ۾ جيڪا نظرياتي ۽ انقلابي جماعت تيار ٿي اها به انهي وصف سان مالا مال هئي. مڪ المڪرمه ۾ شروعاتي تيرهن سال جيڪا نبوت واري زندگي گذري. اها زندگي ابتلاءَ، آزمائش ۽ جسماني تشدد هيٺ گذري. دار ارقم ۾ لڪل تبليغ ۽ مجاهدن جي تعليم ۽ تربيت. جيڪي غلام بي سهارا شخص مسلمان ٿيا هئا انهن سان ظالمانه ۽ وحشيانه سلوڪ، بلال، صهيب، جناب، آل ياسر ۽ ابو الدرداء جن ۾ شامل هئا. هجرت حبش تي مجبور ڪرڻ، شعب ابي طالب ۾ قيد واري زندگي ۽ معاشي بائيڪاٽ، طائف وارو دڪدائڪ سفر ۽ ٻيا مرحلا جيڪي پيغمبر ﷺ ۽ سندس جماعت کي پيش آيا. اهي عظيم سنتون آهن جن کي هر مرحلي ۽ هر موقعي تي ياد رکيو وڃي ۽ انهن سنتن کي جياريو وڃي. طاغوتي نظام کي ٽوڙڻ لاءِ انهي اسوه حسنه کي پيش نظر رکيو وڃي جڏهن به امت مسلمه کي اسلام جي سياسي غلبي ۽ اسلام جي احياء ۽ تجديد لاءِ ڪا جاکوڙ ڪرڻي پوندي ۽ هڪ صحيح مسلم ۽ مجاهد وارو ڪردار ادا ڪرڻو پوندو ته پوءِ اهو ئي اسوه رسول صلي الله عليه وسلم آهي ان کي نظر انداز ڪري هلڪيون ڦلڪيون سنتون ادا ڪرڻ، وضع قطع، رنگ روپ تي زور ڏيڻ ۽ ڳائڻ وڄائڻ وارو ماحول پيدا ڪري، نفلي عبادتون ۽ فقط ذڪر جون مجلسون سنوارڻ ۽ سينگارڻ اهو اسوه رسول ﷺ هرگز ناهي. ڪم عقل ۽ اڻ ڄاڻ آهي اهو شخص جيڪو ان کي ئي اسوه رسول ﷺ قرار ڏيئي نجات اخروي جي اميد رکي ٿو. پوري طرح سمجهڻ گهرجي ته ڪارن ۽ موٽرن تي چڙهي درس قرآن جي مجلس ۾ شريڪ ٿيڻ“ هوائي جهاز جو سفر ڪري ڪنهن سيمينار ۾ خطاب ڪرڻ“ آرام ده ۽ سهولتن سان مزين گهر ۾ رهائش رکڻ، صبح جو روزانو گرم پاڻي سان

وهنجي ڪپڙا تبديل ڪرڻ ۽ دل پسند خوراڪ جو مهيا هجڻ. پوءِ تبصرا ۽ تجزيا ڪرڻ ۽ ان طرح واري زندگي سان اسلام جي احياءَ واري تحريڪ جو حصو نٿو بڻجي سگهجي. جڏهن به انقلابي تحريڪ وجود ۾ ايندي ته ان ۾ مجاهدانه زندگي اپنائڻ وارو رويو اختيار ڪرڻو پوندو. مشقت ۽ ابتلاء آزمائش وارو ماحول رکڻو پوندو. ان کانسواءِ اها منزل حاصل نه ٿي سگهندي.

جڏهن مجاهدانه زندگي جي ڳالهه ڪئي ويندي ته جنگي مشق، هٿيارن جي سکيا، فوجي پريڊ وارو ماحول سامهون ايندو. مجاهد هر وقت سرگرم، فعال، سادو مزاج ۽ مشن سان محبت ڪرڻ وارو هوندو آهي. موت کان نه ڊڄڻ سندس وصف هوندي آهي. ان لاءِ نظرياتي ڪارڪن تياري ڪندا رهن. تڪلفات کي هٽايو وڃي. پروٽوڪول جو پردو نه هئڻ گهرجي. پنهنجو ڪم پاڻ ڪرڻ جي عادت وجهڻ گهرجي. پنهنجو بار بي تي نه وجهڻ گهرجي. اهي مجاهدانه زندگي جا نشان آهن. ڇا اهي سهولتون جيڪي وچين درجي جي هڪ عام انسان کي ميسر آهن، اهي جنگ جي ميدان ۾ هڪ مجاهد کي ملي سگهن ٿيون.

ڇا گرم پاڻي هر وقت ملي سگهي ٿو؟ ڇا نرم بسترو هر وقت ميسر ٿي سگهي ٿو؟ ڇا ڪاڌو ٽائيم تي ۽ پسند مطابق ملي سگهي ٿو؟ ڇا ننڊ جو ٽائيم ٽيبل ٺاهي سگهجي ٿو؟

اهي سڀ ڳالهيون مجاهدانه زندگي کان گهڻو پري آهن ۽ انهن جو عادي ٿيڻ نه گهرجي. جنهن شخصيت کي بالاڪوٽ ۾ شهيد ٿيڻو هو اهو دهلي جي جامع مسجد جي تتل فرش تي پيرن اگهاڙي مشق ڪندو هو. تان ته هو ميدان جنگ ۾ مشقت کي برداشت ڪري سگهي مؤمن مجاهد کي ته هر وقت جهاد جي تياري ڪرڻ گهرجي. جڏهن به اهڙو مرحلو اچي وڃي ته ان ۾ شريڪ ٿي وڃي. ارشاد گرامي آهي.

من مات ولم يغز ولم يتحدث نفسه مات علىٰ شعبة من نفاق (مسلم)

جيڪو شخص اهڙي حالت ۾ مري ويو جو هن نه جهاد ڪيو نه وري جهاد جي لاءِ دل ۾ تمنا ڪيائين ته پوءِ ان جو موت منافقانه موت آهي (يعني ايمان جي حالت ۾ ان جو موت نه ٿيو)

جهاد ڪرڻ يا جهاد جو جذبو هميشه رکڻ مؤمن لاءِ لازمي آهي. ان کانسواءِ اسوه رسول ﷺ جي تڪميل هرگز نه ٿي سگهندي. ان اهم فريضي لاءِ اسان کي پنهنجي زندگي گذارڻ تي نظرثاني ڪرڻي پوندي.

- گهر ۾ فرش تي اگهاڙن پيرن سان هلڻ
- ٿڌي پاڻي سان تڙ ڪرڻ
- هلڪي ڦلڪي لباس ۾ رهڻ
- فرشي نشت تي ويهڻ ۽ ڪاڌو کائڻ. گڏجي هڪ پليٽ ۾ کائڻ، هڪ گلاس جو پاڻي استعمال ڪرڻ. انهن عادتن مان گذرڻ گهرجي. جهاد ۾ اهي مرحلا ايندا آهن.



- روزانو وهنجڻ جي عادت ترڪ ڪرڻ. مجاهد کي ڪڏهن هفتي ۾ به وارو نه ملندو آهي.
- خطري جي صورت ۾ سجاڳ رهڻ ۽ ماحول تي نظر رکڻ

مدينه طيبه جي زندگي ۾ هر وقت خطرو رهندو هو ته ڪڏهن دشمن اچانڪ حملو نه ڪري. هڪ رات ڪنهن طرف کان شور ٿيو. صحابه ڪرام گهرن مان ٻاهر نڪري آيا. مشورو ڪرڻ لڳا. پوءِ ڪجھ ماڻهو گهوڙن تي چڙهي شهر کان ٻاهر چڪر هڻڻ لڳا. اوچتو هنن کي هڪ گهوڙي سوار نظر آيو جيڪو تيزيءَ سان ٻاهر کان شهر اچي رهيو هو. سڀ هوشيار ٿي ويا. جڏهن اهو سوار ويجهو آيو ته ڏٺائون ته اها شخصيت خود رسول ڪريم صلي الله عليه وسلم جن جي هئي. فرمائڻ لڳا ته مان چوڌاري چڪر هڻي آيو آهيان خطري جي ڪا به ڳالهه نه آهي. توهان پنهنجن گهرن ڏانهن هلو. ﷺ

رات جو خطري جي حالت ۾ اڪيلو نڪرڻ، ڪنهن ٻي کي تڪليف نه ڏيڻ، صورتحال جو جائزو وٺي پنهنجن ساٿين کي مطمئن ڪرڻ، هڪ عظيم مجاهد جي وصف آهي. جيڪو رسول به آهي ۽ محبوب خدا به. اهو ئي "اسوه رسول ﷺ " آهي جنهن جي جهلڪ اسان جي رهنمائن ۾ نظر اچڻ گهرجي.

اسلام جي احياء لاءِ نظرياتي ۽ انقلابي جماعت، جنهن جو پري تائين ڪو به نشان اڃا تائين نظر نٿو اچي. فقط دعوائون آهن. فقط قائدين ڪرام جا نعرا آهن. ڪارڪنن کي مسلڪن ۽ موقفن جي دلفريب منظر ۾ ڦاسائي دلاسن ۾ هلايو پيو وڃي. فرقي وارانا سوچ، جماعتي تعصب ۽ دينوي مفاد پرستي جي جذبن کان مٿي ڪا به واٽ ۽ منزل ڪنهن وٽ به ڪونهي. اسوه رسول ﷺ هر هڪ جي نظرن کان اوجهل آهي. ان لاءِ مشق ۽ آزمائش ضروري آهي. ان تي استقامت سان هلڻ هر هڪ جي وس کان ٻاهر آهي.

اس سعادت بزور بازو نيست
تا نه بخشد خدائي بخشنده

*******

## عورت ۽ مرد ۾ مساوات

عورت ۽ مرد ۾ مساوات کي قائم رکڻ لاءِ مرد کي طلاق ۽ عورت کي خلع جو حق ڏنو ويو آهي. طلاق ۽ خلع ۾ فقط هي فرق آهي ته خلع جي حالت ۾ عورت مهر تان دستبردار ٿي ويندي آهي ۽ ڪيس مليل مهر مڙس کي موٽائي ڏيڻو پوندو. انهن حقن ازدواجي حياتيءَ ۾ مرد جي مقابلي ۾ عورت کي پختو مقام ڏنو آهي. طلاق جي حالت ۾ صغير اولاد جي حضانت ماءُ وٽ رهندي ۽ پيءُ اولاد جي خرچ ڏيڻ لاءِ ٻڌل هوندو آهي. هڪ مسلمان عورت کي مڙس، پيءِ ۽ ڀاءُ کان جدا ملڪيت رکي سگهڻ ۽ روزگار ڪرڻ جو حق حاصل آهي. ان هوندي به سندس نان نفقي، گهر گهاٽ ٻارن جي سار سنڀال تعليم ۽ روزگار جو بار زال بجاءِ مڙس تي رکي عورت جي شرعي ۽ سماجي حيثيت کي مرد جي مقابلي ۾ وڌيڪ مستحڪم بڻايو ويو آهي.

علیکم بسنتي

# سخاوت جو پيغمبرانه طريقو

حضرت عبدالله بن عمر ؓ فرمائي ٿو ته: مون پاڻ سڳورن ﷺ کان وڌيڪ سخي ۽ فياض، پاڻ سڳورن ﷺ کان وڌيڪ دلير، بهادر ۽ حوصلي وارو، پاڻ سڳورن ﷺ کان وڌيڪ صابر ۽ قناعت ڪندڙ ڪوبه ماڻهو نه ڏٺو. (رواه دارمي 23/1)

پاڻ ڪريم ﷺ جن جو فرمان آهي: ”الله سڀ کان وڏو سخي آهي، پوءِ آءٌ انسانن ۾ سڀ کان وڏو سخي آهيان ۽ مون کان پوءِ انسانن ۾ اهو ماڻهو سخي آهي جيڪو علم سيکاري ۽ ان کي ڦهلائي.“

پاڻ سڳورن ﷺ جي خدمت ۾ جيڪي ڪجهه ايندو هو، گهڻو ڪري سڀ ڪجهه اتي جو اتي غريبن ۽ مسڪينن ۾ تقسيم ڪري ڇڏيندا هئا. هڪ ڀيري پاڻ سڳورن ﷺ جي خدمت ۾ ڪٿان نوي هزار درهم آيا، پاڻ سڳورن اتي جو اتي اهي نوي هزار درهم تقسيم ڪري ڇڏيا. جڏهن اها رقم ختم ٿي وئي ته پاڻ سڳورن ﷺ جي خدمت ۾ هڪ سائل پهتو، تنهن تي فرمايائون ته: هينئر مون وٽ ڪجهه به نه آهي، تون منهنجي نالي تي قرض وٺ، جڏهن ڪجهه ايندو ته آءٌ ادا ڪري ڇڏيندس. (شمائل ترمذي)

پاڻ سڳورا ﷺ ٻين انسانن جي لاءِ ته خزانا لٽائي ڇڏيندا هئا، پر پنهنجو حال اهو هو جو ٻه ٻه مهينا گهر جي چلهه ۾ باهه نه ٻرندي هئي. حضرت عائشه ؓ فرمائي ٿي: ”ٻه ٻه ٽي ٽي مهينا ائين گذري ويندا هئا جو اسان جي گهرن ۾ باهه نه ٻرندي هئي، صرف کارڪن ۽ پاڻيءَ تي گذر ٿيندو هو.“ (رواه مسلم)

ان حال هوندي به پاڻ سڳورن ﷺ ڪڏهن به پنهنجي در تان ڪنهن سائل کي نه موٽايو، بلڪ جو ڪجهه هوندو هو، اهو ان کي ڏئي ڇڏيندا هئا.

حضرت انس ؓ فرمائي ٿو ته، ”پاڻ سڳورن ﷺ ڪڏهن به سائل کي نه موٽايو. بلڪ جيڪو ڪجهه هوندو هو اهو ان کي ڏئي ڇڏيندا هئا.“

هڪ ڀيري هڪ ماڻهو پاڻ سڳورن ﷺ جي خدمت ۾ پيش ٿيو، ڪين صدقي جون ٻڪريون جيڪي ٻن جبلن جي وچ ۾ هيون (يعني حساب ۽ اندازي کان گهڻيون هيون) اهي سڀ ان کي ڏئي ڇڏيائون. اهو ماڻهو ٻڪريون ڪاهي پنهنجي قوم ڏانهن ويو ۽ انهن کي چوڻ لڳو: ”توهان سمورا مسلمان ٿي وڃو.“ پاڻ سڳورا ﷺ ايتري ته بخشش ۽ عطا ڪن ٿا جو بک جو ڀؤ ئي نٿو رهي.“ (مسلم 253/1)



پاڻ سڳورن ﷺ جي فياضي ۽ سخا ايتري قدر هئي جو جيڪڏهن ڪو ماڻهو دنيا جي حصول جو ارادو ڪٽي ايندو هو ته پنهنجي ساٿين سان پاڻ ڪريمن ﷺ جون مهربانيون، فياضيون ۽ سخا ڏسي مسلمان ٿي پوندو هو.

حضرت ابوذر غفاري ؓ فرمائي ٿو ته، ”آءٌ مڪي جي پٿريلي زمين تي پاڻ ڪريم ﷺ جن سان گڏ هلي رهيو هيس ته احد جبل اسان جي سامهون اچي ويو. پاڻ ڪريم ﷺ جن فرمايو: مون کي ان ڳالهه تي سخت بيچيني ٿيندي ته مون وٽ احد جبل جيترو سون هجي ۽ ان تي ٽي ڏينهن ائين گذري وڃن، جو مون وٽ ڪو دينار رهجي وڃي، سواءِ ان ٿوري رقم جي جيڪا مون قرض جي ادائگيءَ جي لاءِ رکان، بلڪ مون ان مان سڄو مال پنهنجي ساڄي کاٻي ۽ هر پاسي خرچ ڪري ڇڏيان. (رواه بخاري)

اتان معلوم ٿيو ته، پاڻ بک ۽ ڏک تي رهي ٻين تي عطائون ڪري ڪنهن مجبور سائل کي خالي نه موٽائڻ، پنهنجو سيڪجهه الله تبارڪ و تعاليٰ جي راهه ۾ خرچ ڪري ڇڏڻ ۽ فوت ٿيل مقروض جو قرض ادا ڪرڻ پاڻ سڳورن ﷺ جي سنت آهي. جيڪي ماڻهو پاڻ ته سک سان رهن ٿا پر ٻين جو خيال نٿا رکن، يا پنهنجي دنيا ۽ دولت اجايو ڪمن ۽ آرام طلبيءَ جي زندگيءَ تي خرچ ڪن ٿا ۽ مجبورن کي نظرانداز ڪن ٿا، اهي پاڻ ڪريم ﷺ جن جي سنت ۽ طريقي جا منحرف آهن.

## دنيا کان بي رغبتي ۽ قناعت

جيتوڻيڪ پاڻ سڳورن ﷺ جي پيرن هيٺان دنيا جا خزانا لتاڙبا هئا، پر پاڻ سڳورن ﷺ ڪڏهن به انهن ڏانهن توجهه نه ڏنو. پاڻ سڳورن ﷺ جو تزڪيو ۽ استغنا ڪنهن مجبوريءَ ڪري نه هو، بلڪ اهو طريقو پنهنجي لاءِ پسند ڪري اختيار ڪيو هئائون.

حضرت امان عائشه ؓ فرمائي ٿي ته، پاڻ سڳورن ﷺ ڪڏهن به ڍؤ ڪري طعام نه کاڌو، ۽ بک تي رهڻ جي باوجود ڪڏهن به بک جي شڪايت نه ڪيائون. ڪڏهن ڪڏهن ائين به ٿيندو هو جو بک جي ڪري سڄي رات ننڊ نه ايندي هئن، پر پوءِ به صبح جو روزو رکي ڇڏيندا هئا. پاڻ سڳورن ﷺ جي اها حالت ڏسي آءٌ ڪڏهن ڪڏهن روئي پوندي هيس ۽ عرض ڪندي هيس ته، اي الله جا رسول ﷺ! آءٌ اوهان تان قربان وڃان، اوهين دنيا مان گهٽ ۾ گهٽ ايترو حصو ته قبول ڪيو جو بک جي اذيت برداشت ڪرڻي نه پوي. تنهن تي پاڻ ڪريم ﷺ جن فرمائيندا هئا: ”منهنجو دنيا سان ڇا وڃي، الله تعاليٰ جي اڳين رسولن ان کان به وڌيڪ تڪليفن ۾ وقت گذاريو ۽ جڏهن اهي پنهنجي پالڻهار وٽ پهتا ته صبر ۽ قناعت جي ڪري عزت ۽ شرف سان نوازيا ويا.“ (قاضي عياض)

جيتوڻيڪ پاڻ ڪريم ﷺ جن جي زماني مبارڪ ۾ ئي عرب جا ڪيئي علائقا فتح ٿي چڪا هئا ۽ مديني ۾ دنيا ۽ دولت جو سيلاب اچي چڪو هو، پر پاڻ

ڪريم ﷺ جن هميشه زهد ۽ قناعت اختيار ڪئي ۽ پنهنجي گهر جي ڀاتين کي پڻ زهد ۽ قناعت اختيار ڪرڻ جو سبق ڏنو. حديث شريف ۾ آهي:

"پاڻ ڪريم ﷺ جن هميشه الله تبارڪ و تعاليٰ جي دربار ۾ هيءَ دعا گهرندا هئا: "اللهم اجعل رزقا آل محمد قوتا" (بخاري 957/2) اي الله محمد ﷺ جي اهل اولاد کي ايترو رزق عطا ڪر جنهن سان انهن جي زندگي باقي رهي سگهي."

جيتوڻيڪ دنيا حق آهي ۽ ان مان انسان فائدا وٺي سگهي ٿو، پر دنيا کي ئي سڀڪجهه سمجهڻ ۽ ان کي وڌائڻ جي هوس ۾ پنهنجي زندگي ڳاري ڇڏڻ، پيغمبر ڪريم ﷺ جن جي سنت جي خلاف آهي. پاڻ ڪريم ﷺ جن جو طريقو ۽ سنت اها آهي ته هڪ پاسي کان دنيا اچي ته ٻئي پاسي کان الله جي راهه ۾ هلي وڃي.

هڪ مؤمن شرعي حدن جي اندر رهي دنيا ڪمائي سگهي ٿو، پر هو ان جي خرچ ڪرڻ ۾ ڇڙواڳ ۽ آزاد ٿي نٿو سگهي. ڇو ته هو ان ۾ الله تبارڪ و تعاليٰ جو نائب ۽ خليفو آهي، ۽ ان جي گهُر ۽ منشا مطابق ان کي پنهنجو مال خرچ ڪرڻو آهي. قرآن ۾ ان جا ڇتا حڪم موجود آهن، جيئن فرمايو ويو آهي:

وَاَنْفِقُوْا مِمَّا جَعَلَكُمْ مُّسْتَخْلَفِيْنَ فِيْهِ (الحديد:7)

"۽ ان مال مان خرچ ڪريو، جنهن ۾ اوهان کي پنهنجي نائب ڪيو اٿس."

انسان جي تخليق جو مقصد تڏهن سجايو ٿئي ٿو جڏهن هو پنهنجي خليفي هئڻ واري اها قدرت جي ڀاران سپرد ڪيل ذميواري نڀائي ٿو.

هڪ مؤمن الله تعاليٰ جي راهه ۾ غريبن، مسڪينن، ٻي ڀهچن ۽ مجبورن تي خرچ ڪري " رَاضِيَةً مَّرْضِيَّةً " (الفجر-28) جي درجي تي پهچي سگهي ٿو.

****

## حرام خوريءَ کان بچڻ

پاڻ سڳورن ﷺ جتي حلال ڪمائيءَ جي ترغيب ڏني آهي، اتي حرام خوريءَ کان بچڻ جو پڻ تاڪيد ڪيو آهي. انساني جسم جي نشو ونما، غذا ۽ خوراڪ تي ٿيندي آهي. حرام غذا مان ٺٽيل جسم جهنم جو لوڙهو ۽ حلال غذا مان ٺٽيل جسم جنت جو لوڙهو آهي. انسان تيستائين الله تعاليٰ جي قربت حاصل ڪري نٿو سگهي، جيستائين حلال غذا نٿو اپنائي. الله تبارڪ و تعاليٰ حلال ۽ حرام جا پئمانا مقرر ڪري ڇڏيا آهن. پاڻ سڳورن ﷺ جو فرمان آهي:

حلال به چٽو آهي ته، حرام به، البت انهن ٻنهي جي وچ تي ڪي شيون حلت ۽ حرمت ٻنهي جو احتمال رکن ٿيون. پوءِ جيڪو ماڻهو انهن شڪ وارين شين کان بچيو ان پنهنجو دين ۽ عزت بچائي ورتي ۽ جيڪو شڪ وارين شين ۾ پيو، اهو وڃي حرام ۾ پيو. (رواه بخاري)



مولانا عبداللطيف نانگراج

# ذاتي ۽ شخصي ملڪيت جي حقيقت

## مولانا سنڌيءَ جي نظر ۾

مولانا عبيدالله سنڌي ماسڪو ۾ نو مهينا ڪن رهيا. اتي ظفر حسن ايبڪ جيڪو عقيدي جي لحاظ کان پختو ۽ استقامت وارو ڪرو مسلمان هو، سو اتي يونيورسٽيءَ ۾ پڙهندو هو. ڪميونزم جو سبق پڙهي ان کي جيڪي شڪ ۽ شبها پيدا ٿيندا هئا اهي مولانا سنڌيءَ کان اچي ڪري پڇندو هيو ۽ مولانا انهن جا تسلي بخش جواب ڏئي ايبڪ صاحب کي اطمينان بخشيندو هو.

ايبڪ صاحب لکن ٿا ته ڪميونسٽ چوندا هئا ته "مذهب انسان لاءِ آفيم آهي." انهن جو مطلب انهيءَ جملي مان هي هو ته مذهبي عقيدا ماڻهو کي سُن ۽ جامد ڪري ٿا ڇڏين جو انسان پنهنجي حقن لاءِ مزاحمت به نٿو ڪري سگهي ۽ نه ئي وري ايتري جرائت ڪري ٿو جو غاصبن کان پنهنجو حق طلب ڪري سگهي.

مذهب ذاتي ملڪيت کي صحيح ٿو ميڃي ۽ ان جي رکڻ جي اجازت ڏئي ٿو. ان جو مطلب ته (ڪارل مارڪس جي گمان مطابق) مذهب مالدارن جي حمايت ٿو ڪري. ۽ غريبن ۽ لاچارن جي حقن تي ڌاڙو ٿو هڻي ۽ انهن کي پنهنجي حقن جي حاصل ڪرڻ کان روڪي ٿو.

ايبڪ صاحب لکن ٿا ته "قبله مولانا سنڌي ان ظاهري طرح حيرت ۾ وجهندڙ پر حقيقت جي ابتڙ دعويٰ کي رد ڪندي ان اعتراض جو جواب هن طرح ڏنو ته اسلام ۾ وراثت جو قانوني نظام دولت کي گڏ ڪرڻ نٿو ڏئي. بلڪ ان ۾ گردش آڻي ڪري گهڻن ئي انسانن معاشي موقعا ۽ وسيلا فراهم ڪري ٿو. اهڙي طرح زڪوات جو نظام مالدارن جي دولت ۾ غريب طبقي جو حق رکي ٿو. ان سان محتاجن ۽ ضرورت مندن جي مدد ڪئي وڃي ٿي. جنهن سان دولت جي تقسيم اعتدال جي نقطي تي قائم رهي ٿي."

ايبڪ صاحب رح لکن ٿا ته "هڪ ڏينهن يونيورسٽي ۾ پڙهايو ويو ته جيڪو به مذهب ذاتي ملڪيت کي جائز قرار ڏئي ٿو اهو رجائيت ۽ قدامت پسند مذهب آهي. اهو غريبن کي مالدارن جو غلام ٿو بڻائي. انهن جو استحصال (Exploitation) ٿو ڪري. انهيءَ ڪري هر اهڙي مذهب کي ڪچلي ڇڏجي."

ايبڪ صاحب لکن ٿا ته ان ليڪچر سان منهنجو هندو ساٿي بينرجي ڏاڍو خوش ٿيو. ڇو ته سبق کان پوءِ جڏهن ان مون کان پڇيو ته " ڇا اسلام ذاتي ملڪيت جي اجازت ڏئي ٿو.؟" مان چيم "ها ڏئي ٿو."

هن جهٽ ۾ وراڻيو ته "اسان کي پوءِ هندستان مان هندو ازم سان گڏ اسلام جي به پاڙ پٽڻي پوندي." پر مان اتي ان جو ڪو خاص تسلي بخش جواب نه ڏئي سگهيم ۽ منهنجي

دل ۾ بہ اسلام جي متعلق ڪجهہ شبهو پيدا ٿي پيو. جڏهن شام جو معمول مطابق حضرت سنڌيءَ ڪي سڄي ڳالهہ عرضي ڪيم ۽ هندو ساٿي وارو واقعو بہ پيش ڪيم تہ قبلہ سائين جن فرمايو: قرآن ۾ الله جل شانهٗ فرمايو آهي: ”ان الله اشتري من المؤمنين انفسهم و اموالهم بان لهم الجنتہ“ بيشڪ الله تعاليٰ مئومنن کان سندن جانيون ۽ مال ملڪيتون خريد ڪري ورتيون آهن هن قيمت تي (خريد ڪيون اٿس) تہ ڪين بهشت (جي دائمي زندگي) ملي (توبہ-111)

يعني جنت جي عوض مسلمانن پنهنجي جان ۽ مال جو سودو پنهنجي مالڪ حقيقي سان ڪري ڇڏيو آهي. هاڻي اهي پنهنجي جان ۽ مال جا مالڪ نہ آهن. ان مان هي نتيجو نڪري ٿو تہ جيڪڏهن ضرورت پوندي تہ مسلمانن کي پنهنجي جان تان هٿ کڻي لازمي طرح محاذ تي وڃنو پوندو ۽ پنهنجي ذاتي ملڪيت تان هٿ کڻي رياست ۽ عوام جي حق ۾ لازمي طرح دستبردار ٿيڻو پوندو.

يعني ذاتي ملڪيت جو اصول ضرورت جي وقت ۾ ختم بہ ڪري سگهجي ٿو. ان مان معلوم ٿيو تہ اسلام اهڙو مذهب نہ آهي جنهن ۾ ذاتي ملڪيت جو اصول هميشهہ قائم رهي ۽ ان ۾ تبديلي نہ ڪري سگهجي. بلڪ جيڪڏهن معاشي حالتون صحيح نہ آهن. ذاتي ملڪيت جي ڪري مسلمان پنهنجي مذهب ۽ پنهنجي ايمان کي خطرو سمجهن ٿا تہ انهن کي ان صورت ۾ پنهنجي پرائيويٽ ملڪيت کان هٿ کڻڻو پوندو. تنهن ڪري اسلام رجائيت پسند دين نہ آهي ۽ نہ ئي وري رجائي قوتن جو مددگار آهي جو مالدارن کي غريبن جو استحصال ڪرڻ جي اجازت ڏئي يا اهڙا موقعا فراهم ڪري.“ حضرت سنڌي رح جي سمجهاڻي منهنجي ويساهہ کي فولاد بڻائي ڇڏيو.

ايبڪ صاحب لکن ٿا تہ هڪ دفعو زمينن جي ذاتي ملڪيت جي مسئلي جي باري ۾ ڪميونسٽن جي وچ ۾ وڏي بحث مباحثي جي فضا گرم هئي. اهي چون پيا تہ ڪو بہ مذهب ”مشترڪ ملڪيت واري زراعتي ڪوآپرٽيف“ جي اجازت نٿو ڏئي. هي سڀ مذهب قديم روايتون آهن جيڪي ڪيپيٽال جي تحفظ لاءِ جوڙيون ويون آهن.“

ايبڪ صاحب لکن ٿا تہ جڏهن مان حضرت سنڌيءَ کي عرض ڪيم تہ ”ڇا اسلام ۾ بہ زمين کي ذاتي ملڪيت ۾ ڏيڻ جائز آهي.“؟ پاڻ فرمايائون : ”نہ، ان جو ثبوت هي آهي تہ جڏهن مسلمانن ايران فتح ڪيو تہ عرب فاتحين مان ڪن جي راءِ هيءَ هئي تہ هي زمين اسان پنهنجي همٿ، عمل، قوت ۽ جدوجهد سان فتح ڪئي آهي. تنهن ڪري اها جنگ ۾ شريڪ رهندڙن ۾ تقسيم ڪئي وڃي پر حضرت عمر رضہ ان جي اجازت نہ ڏني ۽ سموري زمين حڪومت جي تحويل ۾ وٺي ڪري ان کي عوامي ڀلائي لاءِ بيت المال جو حصو قرار ڏنو. اها زمين اتان جي رهاڪن کي پوکي ڪرڻ لاءِ ڏني وئي. ۽ ان جي آمدني عوامي اسڪيمن کي صرف ڪئي ويندي هئي.“

ايبڪ صاحب لکن ٿا تہ مون حضرت عمر رضہ جو اهو فيصلو ۽ اسلامي قانون جا اقتصادي اصول جڏهن مان يونيورسٽيءَ ۾ ذڪر ڪيا تہ ڪميونسٽ پروفيسر بيحد تعجب ۾ اچي ويو.



نور احمد ميمڻ

# انساني زندگيءَ جو اعليٰ نصب العين

انسان جي پيدائش جو مقصد قرآن حڪيم ۾ خلقڻهار ذات الله تعاليٰ پاڻ ئي ٻڌايو تہ ”مان زمين تي خليفو پيدا ڪرڻ وارو آهيان.“ انهيءَ خلافت يا نيابت کي سرانجام ڏيڻ ئي انسان جي پيدائش جو مقصد اعليٰ آهي. الله تعاليٰ جي ذات جي معرفت سان گڏ ان جي صفتن جو شعور انسان کي خلافتي يا نيابتي ڪردار جي ادائگيءَ طرف وٺي ويندو. اهڙي طرح خلقڻهار، ڌرتي ۽ انسان يعني ”مان“، ”ڌرتي“ ۽ ”خليفو“ اهو هڪ اهڙو ٽڪنڊو آهي جنهن جو شعور انسان کي پنهنجي تخليقي مقصد کان واقف ڪندو. جيڪڏهن ڪو ماڻهو خدا جي معرفت کان سواءِ ڌرتيءَ تي پنهنجو ڪردار ادا ڪرڻ چاهيندو تہ بہ ان ۾ حسن ۽ ضابطو پيدا ڪونہ ٿي سگهندو ۽ جيڪڏهن ڪو ماڻهو ڌرتيءَ جي مٿان زندگيءَ جو نظام الله جي جوڙيل ضابطن يعني قوانين فطرت جي خلاف ورزي ٿيندي تہ ڌرتيءَ جو نظام ڊانوانڊول ٿي ويندو. انهيءَ ڪري ڌرتي جي مٿان پنهنجي زندگي کي خدا پرست، انسان دوست رخ ۾ هلائڻ وارو انسان ئي پنهنجي زندگي جي نصب العين کي حاصل ڪري سگهي ٿو. پر انهيءَ انسان لاءِ هي ضروري آهي تہ جيئن هو پنهنجي ذاتي زندگيءَ کي خدا رخي زندگي جي طور تي گذارڻ جي ڪوشش ڪري ٿو تيئن پنهنجي معاشري کي بہ فلاحي معاشرو بنائڻ لاءِ ان مقصد واسطي ٿيندڙ ڪوشش، جدوجهد ۽ انقلابي عمل ۾ پاڻ موثر حصو بڻجي، اهو بيحد اٽڙ آهي.

قرآن حڪيم ۾ هي جيڪو فرمايو ويو آهي تہ ”اسان انسانن ۽ جنن کي پنهنجي عبادت لاءِ پيدا ڪيو آهي“ اها عبادت رڳو رڪوع ۽ سجدي جي عبادت ڪونهي پر الله تعاليٰ ان جي لاءِ ارڪان، اخلاق ۽ معاملات جو هڪ مربوط نظام دين اسلام جي صورت ۾ جوڙي ڏنو اهي. عبديت جا اهي ٽئي حصا هڪ ٻئي سان سلهاڙيل آهن ۽ ڪنهن بہ هڪ کي ان مان خارج ڪري نٿو سگهجي. جيڪڏهن مسئلو صرف عباداتي ارڪان جو هجي تہ ان لاءِ ملائڪن جي نرالي اطاعت گذار مخلوق اڳ ۾ ئي موجود هئي. پر جيئن تہ الله تعاليٰ جي تخليقي مشيت جي ان مرحلي کان پوئتي هئا، ۽ اهي خدائي صفتن جي جلوي سان مشهود ٿيل اخلاقيات ۽ معاملات جي خدائي قانون تي عمل ڪرڻ جي لوازمات کان اڻ واقف هئا، الله تعاليٰ جي صفتن جا مظهر نہ پئي بڻجي سگهيا، ان ڪري اشرف المخلوقات انسان جي تخليق ٿي. جنهن کي اهي سڀ شيون سيکاريون ويون.

الله تعاليٰ پنهنجي ٻانهن جي عبديت جون سڀ صورتون پنهنجي لاءِ خاص ڪري انسانن کي پنهنجي موڪليل دين جي لاءِ مخلص يعني نسورو وقف ڪرڻ کي پسند فرمائي ٿو. انهيءَ ڪري هي ڳالهہ صاف طرح طئہ ٿيل آهي تہ الله جي عبديت جا حق رسمي

طرح چند عبادتن جي ذريعي ادا ڪرڻ تي سگھندا، بلڪ اُن جي عبديت جا حق انهيءَ جي ربوبيت جي قانونن ڪي عمل ۾ آڻڻ سان پورا ٿيندا. ان جي عبديت جا حق ان جي حاڪميت جي قانونن ڪي عمل ۾ آڻڻ سان پورا ٿيندا ۽ ان جي عبديت جا حق ان جي الوهيت جي قانونن ڪي عمل ۾ آڻڻ سان پورا ٿيندا.

جيئن الله تعاليٰ جي ربوبيت جو فيض عام آهي، تيئن خليفي جي طورتي انسان جي وسيلن، مرتبي ۽ علم جو فيض انسانيت جي لاءِ عام هجي. الله تعاليٰ ان جي تقسيم لاءِ جيڪي قانون وحي جي ذريعي ٻڌايا آهن انهن جي پابندي ڪري هڪ امين جي طور تي اهي سپرد امانتون حقدارن تائين پهچائڻ وارو انسان الله تعاليٰ جي رضا ۽ محبوبيت جو حقدار آهي. الله جي حاڪميت انسانن جي لاءِ سراسر رحمت آهي. ان ڪري ان جا وحي جي ذريعي ٻڌايل ضابطا ۽ قائدا انسان پنهنجي لاءِ رهبر ۽ رهنما ٺاهي پنهنجي عبديت نڀائڻ جي ڪوشش ڪري انسان الله تعاليٰ جي رضا ۽ محبوبيت جو حقدار ٺهبو. اهڙي طرح بندگي، پوڄا ۽ الوهيت جا سڀ حق ۽ واسطا صرف الله تعاليٰ جي ذات جي لاءِ آهن. انسان سڀني طرفن کان ڪٽجي اهي تصرفات الله تعاليٰ جي ذات لاءِ مخصوص ڪري، تان ته پنهنجي خواهش کي به ترڪ ڪري، صرف الله تعاليٰ جي ذات لاءِ پنهنجي عبديت نڀائڻ جي ڪوشش ڪري ته اهڙي شخص کي هن دنيا ۾ پنهنجو اعليٰ نصب العين ۽ زندگيءَ جو مقصد حاصل ٿي وڃي ٿو. اهڙو شخص ئي آخرت ۾ الله تعاليٰ جي محبوبيت جو حقدار ٺهجي ٿو ۽ دائمي اطمينان ۽ سلامتيءَ جي زندگي ان جو مقدر ٺهجي وڃي ٿي.

*****

## رشتيدارن/ مائٽن سان رويو

اسلام مٽن مائٽن ۽ رشتيدارن سان سهڻي سلوڪ جو حڪم ڪري ٿو، جنهن کي صلهءِ رحمي چيو وڃي ٿو. رحمت للعالمينﷺ جن جي اخلاقي تعليم ۾ جنهن شيءِ تي سڀ کان وڌيڪ زور ڏنو ويو آهي، اها آهي صلهءِ رحمي ۽ مائٽن ۽ عام انسانن جي حقن جي پاسداري. قرآن مجيد ۾ ڪيترن ئي جڳهن تي رشتيدارن، مٽن مائٽن ۽ عام انسانن جي حقن جي طرف توجه ڏياريو ويو آهي. ۽ اهو ڪنهن جي مٿان احسان نه بلڪ ان جو حق قرار ڏنو ويو آهي. مثال طور تي قرآن مجيد ۾ آهي:

(1) وَاٰتِ ذَا الْقُرْبٰى حَقَّهٗ (الاسراء:26) ۽ پنهنجي مائٽن کي سندس حق ڏي.

(2) فَاٰتِ ذَا الْقُرْبٰى حَقَّهٗ (الروم:38) پوءِ مائٽيءَ واري کي سندس حق ڏي.

(3) وَاٰتَى الْمَالَ عَلٰى حُبِّهٖ ذَوِى الْقُرْبٰى (البقره:177) ۽ الله سان محبت ڪري رشتيدارن کي مال ڏيو.

(4) قُلْ مَآ اَنْفَقْتُمْ مِّنْ خَيْرٍ فَلِلْوَالِدَيْنِ وَالْاَقْرَبِيْنَ (البقره: 215) (ڪين) چئو ته جيڪو مال خرچ ڪريو سو ماءُ پيءُ ۽ ويجهن مائٽن لاءِ آهي.



مولانا سعيد احمد اڪبر آبادي

# مسلمانن جو عروج ۽ زوال

ان ۾ ڪو به شبهو ناهي ته پڪو يقين ۽ لڳاتار عمل، اهڙا ٻه هٿيار آهن جن جي ذريعي ڪا به قوم پنهنجن دشمنن تي فتح حاصل ڪري سگھي ٿي. اسلام جي پوئلڳن جي اها خصوصيت آهي ته هو پختو عقيدو رکندا آهن مگر ڪهڙي ڳالهه تي؟ ڇا هو نسلي، وطني يا ظاهري طرح ٻين قومن تي فقط غلبو چاهيندا آهن هرگز نه! بلڪ هنن جو يقين خداوند قدوس جي قوت، طاقت ۽ ان جي ڪبريائي ۽ حاڪميت تي هوندو آهي. پوءِ هنن جو لاڳيتو عمل به ايمان جي اثر هيٺ هوندو آهي. مسلمانن جو ايمان ۽ عمل اهڙي حقيقت رکندو آهي جو انهن ۾ "تقويٰ" واري ڪيفيت جنم وٺندي آهي. ان کان پوءِ انهن ۾ محبت جا جوهر نمايان ٿيندا آهن يعني "محبت فاتح عالم" اهڙي محبت ٻين قومن ۾ به پيدا ٿيندي آهي مگر مسلمانن جي محبت جداگانه حيثيت رکي ٿي. اها ذاتي نفس جي خواهشن کان پاڪ هوندي آهي. اهڙي محبت خالق جي محبت جي جذبن سان گڏجي انساني پيائپي، همدردي ۽ سچائي جي نشانن سان ملي "الحُبّ في الله" ٺهجي ويندي آهي. ان محبت جو نتيجو اهو هوندو آهي ته مسلمان جيئن ته ملڪ حاصل ڪرڻ جي هوس يا اقتدار تي پهچڻ جي جذبي کان پري هوندا آهن، انهن کي فقط خدا جي مخلوق جي هدايت، انهن جي خوشحالي ۽ انهن سان خير خواهي مطلوب هوندي آهي. ان ڪري هي عام فاتحين عالم کان هٽي ڪري، مفتوح قومن سان جبر ۽ ڏاڍ وارو رويو هرگز اختيار نه ڪندا آهن. هو صلح ۽ امن وارو پيغام ڏيندا آهن. ان ڪري اهي نيون قومون هنن جي اخلاق ۽ ڪردار کان متاثر ٿي. بغض ۽ دشمني وارن روين جي بجاءَ محبت ۽ الفت جا احساسات انهن ۾ نروار ٿي ويندا آهن.

تاريخ ٻڌائي ٿي ته جڏهن مسلمانن جون فوجون ڪسريٰ جي طاغوتي نظام کي مليا ميٽ ڪرڻ لاءِ ايران ۾ پهتيون ته پهرين مرحلي ۾ ئي ايراني لشڪر جا چار هزار سپاهي اسلام قبول ڪري مسلمان ٿيا. هنن کي مسلمانن جي ڪردار هڪ نظر ۾ ئي مسحور ڪري ڇڏيو. اهي فقط ڏيکاءَ جا مسلمان نه ٿيا بلڪ انهن جون تلوارون اسلام ۽ مسلمانن جي حمايت ۾ ڪم آيون. اهي سپاهي سعد بن ابي وقاص جي قيادت ۾ مدائن ۽ جلولاء جي لڙائي ۾ شريڪ ٿيا ۽ ڪاميابي سان سرخرو ٿيا. فاتح سنڌ محمد ابن قاسم جي شرافت، ديانت ۽ انصاف جي روين کي ڪير وساري سگھي ٿو. مرڪزي اقتدار ۾ تبديلي کان پوءِ جڏهن يزيد بن ابي ڪبشه کي گورنر سنڌ متعين ڪيو ۽ هن کي حڪم ڏنو ويو ته محمد بن قاسم کي گرفتار ڪري عراق موڪليو وڃي ته هڪ سپه سالار جي حيثيت ۾ حڪم جي اطاعت ڪئي. حالانڪ پوري قوم هن سان گڏ هئي، مگر هو خوش دلي سان

گرفتار ٿي عراق روانو ٿيو. ٻي طرف سنڌ ۾ هن جي وڃڻ تي بيحد افسوس ڪيو ويو. مرد ۽ عورتون روئي رهيا هئا. بعد ۾ يادگار جي طور تي هن جا مجسما ٺاهيا ويا (فتوح البلدان 428).

هيءَ حقيقت ظاهر ٿي وئي ته ”توحيد ۽ تقويٰ“ اهي بنيادي ڳالهيون آهن جن تي اخلاق جي عمارت قائم آهي.اخلاق جي فلسفي ۾ عدالت کي جامعيت جو درجو حاصل آهي. اسان چئي سگهون ٿا ته توحيد ۽ تقويٰ سبب اهو اثر پيدا ٿيندو آهي ته انسان ۾ عدالت جو رنگ نمايان ٿي وڃي. پوءِ انسان فڪري ۽ عملي طرح انتهائي ڪمال تي پهچي فضيلتن جي بلند تمام کي حاصل ڪري سگهي. اهڙي صورتحال جڏهن ڪنهن جماعت ۾ پيدا ٿي ويندي آهي. يعني مصيبتن کي برداشت ڪرڻ، جفاڪشي جي عادت تي قائم رهڻ ۽ جرئت استقامت جو مظاهرو ڪرڻ ته پوءِ مخالف جماعتن لاءِ اهو ممڪن ئي نه هوندو آهي ته انهن سان مقابلو ڪن بلڪ هو مجبور ٿي پنهنجو ڪنڌ نوائيندڙيون آهن.

حضرت نعمان بن مقرن جي اڳواڻي ۾ مسلم سفيرن جو هڪ وفد جڏهن ايران جي بادشاهه يزدگرد جي درٻار ۾ پهتو ته ايراني رسم رواج مطابق درٻار اهڙي شان ۽ شوڪت سان سجائي وئي جو ڏسندڙن جون اکيون کليون رهجي وڃن. پر مسلم سفير جيئن ئي عربي جبا پهريل، ڪنڌ تي يمني چادرون رکيل، هٿن ۾ ڪوڙا لهرائيندي درٻار ۾ داخل ٿيا ته انهن جي چهرن مان رعب ۽ هيبت بکي رهي هئي ان منظر کي ڏسي بادشاهه پاڻ مرعوب ٿي ويو.

ابو رجا الفارسي جو ڏاڏو جيڪو پوءِ مسلمان ٿيو هو، ان جو بيان آهي ته مان پاڻ قادسيه جي جنگ ۾ شريڪ هيس ۽ مسلمانن جي خلاف لڙي رهيو هيس. شروعات ۾ عربن اسان ڏانهن تير هنيا. اسان چيوسين ته اهي تير ڇا ڪندا؟ پر پوءِ انهن تيرن ته اسان جو ڪم پورو ڪري ڇڏيو. اسان جيڪي تير اڇلايا پئي ته اهي مسلمانن جي ڪپڙن ۾ اٽڪجي پيا پون ۽ مسلمان جيڪي تير اسان ڏانهن پيا اڇلائين ته اهي مضبوط زرهن ۽ ٻٽن لوهي ٽوپلن کي چيريندا ٻاهر نڪتا پيا وڃن. (فتوح البلدان 260).

ايران جو شڪست کاڌل لشڪر جڏهن قادسيه مان ڀڄي مدائن پهتو ته رستي ۾ درياءَ دجلو ٽي آيو. هنن ٻيڙين تي چڙهي درياءَ پار ڪيو پوءِ انهن کي ساڙي ڇڏيو تان ته مسلمان درياءَ نه ٽپي سگهن. پر مسلمانن اتي پهچي گهوڙن کي درياءَ ۾ هڪلي، انهن تي سوار ٿي درياءَ پار ڪيو ۽ سلامتي سان انهن جو تعاقب ڪيو. ايراني اهو منظر ڏسي هڪا ٻڪا ٿي ويا ۽ چوڻ لڳا ته اسان جو مقابلو انسانن سان نه بلڪ جنن سان آهي. (فتوح البلدان 263).

هاڻي ٻڌايو ته اهو جوش ۽ جذبو اخلاقي ۽ روحاني قوت کانسواءِ ڪنهن قوم ۾ پيدا ٿي سگهي ٿو. هرگز نه! ايمان ۽ عمل جو اهو بلند مقام هيو جنهن تي پهرين صحابه ڪرام رضه جي انقلابي جماعت فائز هئي. ان آڌار تي دنيا جي صالح ترين جماعت ان کي چيو ويو آهي ۽ ”بقاء اصلح“ جي فطري قانون هيٺ انهي جماعت کي حق حاصل هيو ته هو دنيا ۾ ڪاميابيون حاصل ڪري پوءِ ائين ئي ٿيو ۽ ائين ئي ٿيڻ گهرجي ها.



هاءِ افسوس پهرين نظرياتي ۽ انقلابي جماعت جو اهو مبارڪ ۽ مقدس دور تمام ٿورو وقت رهيو ۽ رهي به نٿو سگهي ڇو ته حضرت پيغمبر اسلام ﷺ جن ان مسئلي ۾ پيش گوئي فرمائي ويا هئا. سندن ارشاد هن طرح آهي.

ان هذا الامر بدا رحمت ونبوه ثم يکون رحمته و خلافته ثم ڪائناً ملڪاً عضوضاً ثم ڪائن عتواً وجبريّتا وفساداً في الارض يستحلون الحرير والفروج والخمور ويرزفون عليٰ ذالڪ ويفرون حتيٰ يلاقو الله. (ابن ڪثير - البدايه والنهايه – طبري جلد 8-ص 20).

اسلامي حڪومت جي شروعات رحمت ۽ نبوت سان ٿي آهي. ان کان پوءِ رحمت ۽ خلافت قائم ٿيندي . ان کان پوءِ ملوڪيت ۽ بادشاهي ۾ تبديل ٿي ويندي. ان کان پوءِ سرڪشي، ڏاڍ ۽ زمين ۾ فساد ڪرڻ واري حڪومت ۾ بدلجي ويندي. مسلمان حڪمران ريشم ۽ شراب کي حلال ڪندا. فحاشي، شهوت ۽ بي حيائي جي ڪمن ۾ مشغول ٿي ويندا. انهن جا موقعا ڪين ملندا تان ته هو ان حالت ۾ خدا سان وڃي ملندا.

حضرت رسول اڪرم ﷺ جن جي پيشن گوئي سو سيڪڙو سچ ثابت ٿي جيڪو ڪجهه ۽ جهڙي طرح فرمايو هئائون، اهو اهڙي طرح واقعي جي صورت ۾ ظاهر ٿيندو ويو. خلافت راشده جي پوئين دور ۾ ئي ڪجهه اهڙا واقعا ظاهر ٿيندا ويا جن جي ڪري امت ۾ اختلاف ۽ انتشار پيدا ٿيڻ شروع ٿيو.

هن حقيقت کي تسليم ڪرڻو پوندو ته شيخين رضه جي دور حڪومت کان پوءِ فتنن منهن ڪڍڻ شروع ڪيو ۽ پوءِ ته وڌندا ويا.

سيدنا عثمان بن عنان ؓ جي شهادت جو ا لمناڪ واقعو هڪ اهڙو حادثو هيو جنهن مسلمانن جي اجتماعي نظام کي لوڏي ڇڏيو. انهي عظيم فتني جون نحوستون هر ڏينهن گذرڻ کان پوءِ ظاهر ٿينديون ويون.

سيدنا ذي النورين ؓ جي مظلومانه شهادت کان ڪير انڪار ڪري سگهي ٿو مگر اها حقيقت آهي ته ٽين خليفه راشد جي بردباري، عفو ۽ صله رحمي جي بجاءِ سيدنا فاروق اعظم ؓ عنه وارو شان شوڪت، دٻدٻو ۽ سخت موقف رکڻ ۽ ان تي عمل ڪرڻ وارو جذبو موجود هجي هاته صورتحال بالڪل مختلف هجي ها. پوءِ ڪنهن منافق کي، ڪنهن مهم جو کي. بد باطن انسانن کي ڪهڙي مجال هئي جو هو مرڪز خلافت تي حمله آور ٿين ۽ بغاوت جو سوچي به سگهن.

سيدنا عثمان رضه خلافت تي جان ته قربان ڪئي مگر خلافت کي بچائي نه سگهيو. قضا قدر جو شايد اهو ئي فيصلو هو. ائين ئي ٿيڻو هيو اهو پورو ٿي رهيو. انتهائي سفاڪي سان خليفه سوم کي شهيد ڪيو ويو. ٻه ڏينهن لاش مبارڪ بنا دفن ڪفن جي گهر ۾ پيو رهيو. ٽين ڏينهن خون ۾ ٻڏل لاش، جنهن کي غسل جي حاجت نه هئي، چند ماڻهن نهايت جرئت ۽ همت ڪري دفن ڪري ڇڏيو.

علامه عبدالله منهاس

### قرآن مجيد جي اشاعت جو سلسلو

# يورپ ۾ قرآن مجيد جون ايڊيشنون

قرآن مجيد جو هڪ عربي نسخو اليگزينڊر پگنيني 1530ع ۾ وينس مان شايع ڪرايو بعد ۾ اهو نسخو پوپ جي حڪم سان ساڙيو ويو. ان جو ڪو به نقل موجود ناهي.
(انگلش انسائيڪلو پيڊيا جلد 4)

فريڊرڪ دور ۾ جيڪو ڇهين صليبي جنگ جو سپهه سالار هيو، هو عربي ۾ وڏي مهارت رکندو هو. ان جي زماني ۾ اٽلي جي ڪن علم دوست امير خاندانن مشرقي ۽ عربي ڪتابن جي ڇپائي شروع ڪئي. پهريون ڇاپو خانو رانو شهر ۾ قائم ٿيو. 1624ع ۾ ان ۾ قرآن مجيد ۽ ٻيا عربي ٻوليءَ جا علمي ڪتاب ڇاپيا ويا. هڪ عربي نسخو ”القرآنس سن ليڪس اسلامتيڪا“ جي نالي سان هنڪل من 1749ع ۾ همبرگ مان شايع ڪيو. ان کان پوءِ 1834ع کان 1853ع تائين ان جا پنج نمونا مختلف تقطيع سان ڇاپيا ويا.

قرآن مجيد جو هڪ عربي ايڊيشن ”القرآن“ جي نالي سان تفسير سميت، ڪيترائن روم شهنشاهه ۽ بيگم رسو جي حڪم سان ان جي خرچ تي، سينٽ پيٽرز برگ مان سن 1777ع ۾ چار جلدن ۾ شايع ڪرايو. ان کان پوءِ لڳاتار 1790ع-1793-1796 ۽ 1798ع ۾ شايع ٿيندو رهيو. ان ڪانسواءِ قازان مان ٻي ٻيون ايڊيشنون، 1803ع -1809ع ۽ 1839ع ۾ شايع ٿيون. قازان مان وڏيڪ قرآن مجيد معريٰ جون ايڊيشنون 1817ع-1821ع ۽ 1843ع ۾ شايع ٿيون. آخري ايڊيشن 4 جلدن ۾ 1891ع ۾ شايع ٿي.

هڪ عربي ايڊيشن ”قرآني ٽيڪٽس عربينس“ نالي سان مشهور جرمن مستشرق ”جي فلوگل“ ليپسا مان 1824ع ۾ شايع ڪيو. ان جو ٻيون ايڊيشنون 1842ع ۽ 1869ع ۾ شايع ٿيون. جي فلوگل قرآن مجيد جي لفظن جي فهرست ”نجوم الفرقان“ جي نالي سان آخر ۾ درج ڪئي آهي. ان ذريعي قرآن مجيد جي هر آيت آسانيءَ سان ڏسي سگهجي ٿي. فلو گل 1802ع ۾ پيدا ٿيو. ان جي ڪوشش سان عربي جا پنجاهه ڪتاب شايع ٿيا. عام طرح اهو خيال آهي ته قرآن مجيد جي لفظن جي فهرست جي شروعات جي فلوگل ڪئي مگر تصديق هن طرح آهي ته اورنگزيب عالمگير جي زماني ۾ هڪ افغان عالم، مصطفيٰ خان بن محمد سعيد هڪ بااختيار عهدي تي فائز هو. ان شخصيت 1691ع ۾ ”نجوم الفرقان“ ڪتاب جي تصنيف ڪئي جنهن ۾ الفاظ قرآن جي ترتيب ۽ ڄاڻ



موجود هئي. اهو ڪتاب جامع ۽ مبسوط آهي. جي فلوگل جي تاليف. ان آڳاٽي ڪتاب جي اصلاح يافته شڪل آهي.

قرآن مجيد جو هڪ عربي ايڊيشن تفسير بيضاوي سان گڏ ايڇ ايل فيلشر، ليپسا مان ”بياوي ڪمينٽرئيس ان قرآنم“ جي نالي سان ٻن جلدن ۾ 1846ع ۾ شايع ڪيو. 36 سال ان کان اڳ علامه اسماعيل گسبر نسڪي، سينٽ پيٽرز برگ ۽ قازان مان قرآن مجيد جون خاص عربي ايڊيشنون شايع ڪرايون. علامه جي راءِ هئي ته قسطنطنيه ۽ قاهره ۾ قرآن مجيد جا جيڪي نسخا شايع ڪيا ويا آهن انهن ۾ ڪتابت جون غلطيون موجود آهن. ان ڪري هن جي نيون ايڊيشنون شايع ڪرايون آهن. انهن مان هڪ جو نالو ”ڪلام قديم“ رکيو آهي.

## مغربي ٻولين ۾ قرآن مجيد جا ترجما

مغربي ٻولين ۾ قرآن مجيد جي ترجمي جو خيال پهريائين فرالن جي هڪ راهب پطرس نرابلس جي دل ۾ آيو. هن قرآن مجيد ڪي پهريون دفعو لاطيني زبان ۾ آندو. ان راهب جو انتقال 1157ع ۾ ٿيو. بعد ۾ هڪ انگريز رابرٽ ۽ هڪ جرمن هرمن آوڊ المينيا جي ڪوشش سان تڪميل جي مرحلن مان گذريو. اگرچه اهو ترجمو 1143ع ۾ مڪمل ٿي چڪو هو مگر اهو ترجمو هڪ خانقاه ۾ چار سو سال لڪائي رکيو ويو. ڪنهن کي ان جي شايع ڪرڻ جي جرئت نه پئي ٿئي تان ته 1543ع ۾ ٿيوڊور هبلي انڊر، سوئزلينڊ مان ان کي شايع ڪيو. اهو ترجمو بعد ۾ ٽن مختلف ٻولين اطالي، جرمن ۽ ڊچ ۾ شايع ڪيو ويو. ٻيو لاطيني ترجمو متن سان گڏ، تشريح ۽ حاشين سان 1698ع ۾ فادر ليوس مراڪشي اٽلي مان چاليهن سالن جي محنت کان پوءِ شايع ڪيو. انهي ترجمي متعلق جارج سيل جي راءِ اها آهي ته عام طور تي ترجمو درست آهي مگر عربي محاوري جو ايتري قدر خيال رکيو ويو آهي جو آسانيءَ سان سمجهه ۾ نٿو اچي. شرح مفيد آهي مگر حاشيا تسلي بخش ناهن بلڪ خارج البحث آهن.

هبلي انڊر جي ترجمي جو ايڊيشن 1550ع ۽ پوءِ 1721ع ۾ ليپسا مان شايع ٿيو. ليپسا مان ٻئي هڪ عربي لاطيني قرآن جسٽس فريڊريڪس 1768ع ۾ ڇاپيو. ان جو هڪ ايڊيشن اسٽرڊم هالينڊ مان شايع ٿيو. پيٽرز ماڪر اندلس جو سفر ڪري عربي ٻولي تي عبور حاصل ڪيو ۽ قرآن مجيد جو عربي مان ترجمو ڪيو.

رسول اڪرم صلي الله عليه وسلم جن جي سوانح عمري به لاطيني ۾ ترتيب ڏنائين. ان کان پوءِ هڪ ترجمو موسيو سيواري 1753ع ۾، هڪ ترجمو گارسن ڊي 1829ع ۾، ۽ هڪ ترجمو ڪازيمرسڪي 1840ع ۾ ڇپايو. هو پولينڊ ۾ پيدا ٿيو ۽ فرانس ۾ رهائش اختيار ڪيائين. هي ترجمو فرانس جي علمي حلقن ۾ مشهور ٿيو. ان ترجمي جا لڳاتار ڪيترائي ائڊيشن شايع ٿيندا رهيا.

جي پاٽيئر 1852ع ۾ پيرس مان هڪ فرانسيسي ترجمو شايع ڪرايو. ڊاڪٽر موريس جيڪو فرانس جو نامور مستشرق ۽ ماهر علوم عربيھ آهي. ان حڪومت فرانس جي حڪم سان قرآن مجيد جو ترجمو فرانسيسي ۾ شايع ڪيو. 1926ع ۾ پيرس جي هڪ علمي مجلس قرآن مجيد جو هڪ حصو ”لي قرآن“ جي نالي سان شايع ڪيو. هڪ ترجمو سويڊن جي زبان ۾ ٿار نبرگ 1874ع ۾ ڇاپيو. هڪ ترجمو انوڪلر ڪيو جيڪو سويڊن جو عالم آهي. اهو 1934ع ۾ شايع ٿيو. اهو صاحب بعد ۾ مسلمان بہ ٿيو. سورت معراج جو ترجمو الفانسو ڏهين جي حڪم تي ان جي معالج ابراهيم هسپانوي ڪيو. قديم عبراني زبان ۾ قرآن مجيد جي ترجمي جو علم ناهي مگر قاموس العلوم مان معلوم ٿئي ٿو تہ ڪجھ ٽڪرا عبراني ۾ موجود آهن. هڪ ڪتب فروش جي فهرست ۾ بہ ان جو ذڪر ملي ٿو. 17 صدي ۾ يعقوب بن اسرائيل قرآن مجيد جو عبراني ترجمو ڪيو. سندس انتقال 1634ع ۾ ٿيو آهي. هن دور ۾ 1857ع ۾ قرآن مجيد جو عبراني ترجمو ليپسا مان شايع ٿيو. جيڪو هرمن رڪندرن ڪيو آهي.

جرمن ٻولي ۾ قرآن مجيد ۾ ترجمو مشهور مصلح مارٽن لوٿر ڪيو جيڪو 1483ع ۾ پيدا ٿيو. اندلس ۾ عربي سکيائين. لوٿر تي ان جو اثر اهو ٿيو جو ان مسيحي دين جي اصلاح لاءِ ڪوششون ورتائين. ان تي ڪيس اذيتون بہ ڏنيون ويون. ليوس مراڪشي قرآن ۽ لوٿر ڪي پاڻ ۾ مطابقت ڏني آهي. هن جي تعليم قرآن سان ملندڙ هئي. جنهن جو بنياد توحيد پرست ۽ بت شڪني هيو. جرمني جي پادرين لوٿر تي اسلام ڦهلائڻ جو بہ الزام عائد ڪيو آهي ڇو تہ هن جي تعليم تي قرآن جو عڪس هيو.

هڪ جرمن ترجمو شويگر اطالي مان نوربزيگ ۾ ڇاپرايو. ان طرح فريڊرڪ ميگرلين هڪ ترجمو 1772ع ۾ جرمن ۾ شايع ڪيو. قرآن مجيد جو بهترين ترجمو جو سي بوائسن 1773ع ۾ ڪيو ۽ ديپاچي ۽ حاشين سان شايع ڪيو. ان ترجمي ڪي جي واهل نظر ثاني ڪان پوءِ 1828ع شايع ڪرايو 1853ع ۾ هڪ ترجمو المآن ڪيو جنهن جون گهڻيون ايڊيشنون ڇپجي چڪيون آهن. هاليند جي پروفيسر ڊاڪٽر ڪيريز هڪ ترجمو 1860ع ۾ هارلم مان شايع ڪيو، 1930ع ۾ هڪ ترجمو ڊچ زبان ۾ هيگ جي هڪ ڊچ مسلمان فاضل ڪيو ۽ شايع ڪيو. اهو ترجمو اڳين سيني ترجمن ۾ بهتر سمجهو وڃي ٿو. قرآن مجيد جو هڪ اطالي ترجمو رائل ٽڪنيڪل اسڪول آف ميلانو جي پروفيسر ڪوليو فرڪاسي 1914ع ۾ شايع ڪيو. ان ۾ قرآن جون وضاحتون بہ شامل آهن.

پندرهين صدي عيسوي ۾ جان اندرين جيڪو وينشا جو رهاڪو هو قرآن مجيد جو ترجمو ارگوني زبان ۾ ڪيو ۽ ان جو شرح بہ شايع ڪيو. اهو شخص پهريائين مسلمان هيو مگر بعد ۾ اندلس وڃي عيسائي ٿي ويو. هن حديثن جي ڪتابن جا بہ ترجما ڪيا آهن.

هاڻي انگريزي ترجمن جو ذڪر ڪنداسون.

پهريون انگريزي ترجمو دوراٿر جي فرانسيسي ترجمي مان الگزينڊر راس 1649ع ۾ ڪيو. هو عربي ڪان اڻ ڄاڻ هو ان ڪري اهو ناقص ترجمو ليکيو ويو. جارج سيل جو ترجمو 1734ع ۾ شايع ٿيو ۽ ان جون ڪيتريون ئي ايڊيشنون شايع ٿي چڪيون آهن. ريورڊنر ادريل هڪ ترجمو نزولي ترتيب مطابق 1861ع ۾ ڪيو. ٻيو ايڊيشن 176ع ۾



شايع ٿيو. هڪ ٻي قرآن مجيد جي عربي نسخي جو ذڪر آهي جيڪو 1833ع ۾ سيرامپور ۾ انگريزي ترجمي سان ڇاپيو ويو. اهي سمورا ترجما غير مسلمن جي ڪوشش سان شايع ٿيا آهن جن ۾ پنهنجي ٻولي جو وڏيڪ خيال رکيو ويو آهي.

1905ع ۾ ڊاڪٽر عبدالحڪيم خان هڪ انگريزي ترجمو هندستان ۾ ڇپايو 1911ع ۾ اصغر اينڊ ڪمپني الہٰ آباد عربي متن ۽ انگريزي ترجمي سان قرآن مجيد شايع ڪيو. هي ترجمو مرزا ابو الفضل ڪيو هو.

قرآن مجيد جو هڪ مڪمل ترجمو انگريزي ٻولي ۾ مشهور قادياني فرقي جي احمدي گروه جي ليڊر مولوي محمد علي ڪيو، جيڪو 1917ع ۾ انجمن اشاعت اسلام لاهور طرفان شايع ڪيو ويو. شروع ۾ هڪ ڊگهو مقدمو بہ لکيل آهي. هڪ انگريزي ترجمو علامہ شبلي نعماني جي ڪوشش سان شروع ٿيو هي ترجمو نواب عماد الملڪ بهادر ڪرڻ شروع ڪيو. مگر مڪمل نہ ٿي سگهيو.

هڪ انگريزي ترجمو مرزا حيرت دهلوي تفسير سان گڏ 1919ع ۾ شايع ڪيو. هي آسان ٻولي ۾ لکيل آهي. قرآن مجيد جي انگريزي ترجمن ۾ مشهور ترجمو نامور اهل قلم مار ماڊيوڪ پڪٿال 1924ع ۾ ڪيو. پڪٿال صاحب اسلام قبول ڪري پوءِ ترجمو ڪيو. اهو 1930ع ۾ آمريڪا ۽ يورپ مان هڪ ئي وقت شايع ڪيو ويو. جامع ازهر جي شيخ مصطفيٰ المراغي جي هدايتن مطابق نظرثاني ڪئي وئي. قرآن مجيد جي انگريزي ترجمن ۾ هڪ سنو واڌارو مشهور عالم، اديب علامہ عبدالله يوسف علي جي ذريعي سامهون آيو. جدا جدا پارن جي شڪل ۾ شايع ٿيو. هي ترجمو پهرين صف ۾ شامل ڪرڻ جي لائق آهي. ترجمو آسان، عام فهم ۽ دليلن سان سينگاريل آهي. ان ڪانپوءِ بہ هيستائين مسلسل انگريزي ترجما شايع ٿيندا رهيا آهن.

****

**قرآني علمن تي ٿيل ۽ جديد علمي تحقيقن جي روشنيءَ ۾ مسلمانن جي عام استفادي جي لاءِ تيار ڪيل عصر حاضر جو تفسير**

# تفسيرسهل البيان

**(روح المعاني، تفسير ڪبير، تفسير بيضاوي ، الاساس في التفسير، الجواهر للطنطاوي، احڪام القرآن للرازي، تفسير حقاني، ترجمان القرآن، تفسير ماجدي ۽ تفسير المقام المحمود مان استفادو ڪيل)**

ترجمو: **حضرت مولانا تاج محمود امروٽي**

مفسر: حڪيم الاسلام مولانا مفتي عبدالوهاب چاچڙ

هديو: =/700 رپيا (ٻہ جلدن جو سيٽ)

ڊسٽريبيوٽرز

سنڌيڪا بوڪ شاپ، 19 بلديہ پلازه گهنٽا گهر چوڪ فون: 071_5628368،

سنڌيڪا بوڪ شاب، 23 تريڊ سينٽر حيدر چوڪ فون: 03013594679

رهبر بوڪ اڪيڊمي، بندر روڊ، لاڙڪاڻو فون: 0334_2774830

العماد بوڪ سيلرز اردو بازا فون: 0212214521 —

حافظ فضل الله احمد هاليجوي

# زندگي گذارڻ جو ڍنگ

"شاهراھ زندگي پر ڪاميابي ڪا سفر" هيءَ ڪتاب محترم نور احمد ميمڻ صاحب طرفان هديو مليو. جنهن کي غور ۽ فڪر سان پڙهي موصوف جو شڪر گذار رهيم. مذڪوره ڪتاب جي پڙهڻ دوران ڪافي بهترين ڳالهيون معلوم ٿيون. خاص ڪري اڻ ڍنگو ماڻهو زندگي گذارڻ جو ڍنگ سکي سگهي ٿو پوي. مدارس جي طلباءَ ۽ علماءَ کي اپيل آهي تہ هي ڪتاب ضرور پڙهن. جي هي ڪتاب نہ ملي تہ پوءِ اچي جاءِ تي "متاع وقت اور ڪاروان علم" بہ زبردست آهي. مذڪوره ڪتاب جا ڪجھ ٽڪرا جيڪي مون مطالعي جي دوران نوٽ ڪيا سي هت پيش ڪجن ٿا.

1. ڏينهن ۽ رات ۾ انسان کي هڪ هزار چاليھ منٽ ملن ٿا. (ص12)
2. حضرت جنيد بغدادي رحہ وقت ۽ احتساب جي متعلق فرمائيندا هئا، توهان هر گهڙي اهو ڏسو تہ الله تعاليٰ جي ڪيترو ويجها ٿي ويؤ! ۽ شيطان کان ڪيترو پري ٿي ويؤ! جنت جي ڪيترو قريب آيؤ! ۽ جهنم کان ڪيترو پري ٿي ويؤ! (ص18).
3. ابن رُشد پنهنجي شعوري زندگيءَ جي صرف ٻن راتين ۾ مطالعو نہ ڪري سگهيو. (ص19)
4. امام فخر الدين رازي رحہ جي تصنيف ٿيل ڪتابن جو تعداد گهٽ ۾ گهٽ هڪ سؤ عدد هوندو. صرف تفسير ڪبير 30 جلدن تي مشتمل آهي. اُهي فرمائيندا هئا تہ کائڻ ۽ پيئڻ ۾ جيڪو وقت ضايع ٿئي ٿو ان تي هميشہ ڳڻتي رهندي آهي (ص120).
5. امام ابن جرير طبري رحہ روزانو چوڏهن ورق لکندو هو. هن پنهنجي سڄي زندگيءَ ۾ هڪ منٽ بہ فائدي ڏيڻ ۽ فائدي وٺڻ کانسواءِ نہ گذاريو. (ص19).
6. طبيعت ۾ سسُتي، ٽال مٽول ۽ هر ڪم کي پوئتي ڪرڻ جي عادت، وقت جي زيان ڪرڻ جو تمام وڏو سبب آهي.
7. ڪرڪٽ جي راند قوم جي لکين ڪلاڪن کي ضايع ٿي ڪري.
8. ٻين جا ڪم ڪندو وتي ۽ ان ۾ خوشي محسوس ڪري ۽ پنهنجي ڪمن لاءِ بهانا ڳوليندو وتي اها وقت جي نا قدريءَ جي علامت آهي.
9. ٽيليفون جي بهتر استعمال کي سمجهو! "السلام عليڪم" جي اندر خيريت ۽ دعا شامل آهي. وڌيڪ حالات ۽ واقعات معلوم ڪرڻ لاءِ ٽيليفون استعمال نہ ڪيو.
10. سال ۾ اٺ هزار ست سئو سٺ (8760) ڪلاڪ آهن. جيڪڏهن توهان کان سوال ڪيو وڃي تہ سال جي تمام ڪلاڪن ۾ توهان ڪيترو وقت مقصد ۾ استعمال ڪيو ۽



ڪيترو بي مقصد، فضول ۽ اجائي ڳالهين ۾؟ تہ ان جو جواب يقينن مشڪل آهي. (ص29)

11. اسان روازنو صبح جو گهر ۾ اخبار پڙهندا آهيون. وري ان تي تبصرا بہ ٻڌندا آهيون شام جو بي بي سي کي بہ وقت ڏيون ٿا، ۽ رات جو ٽي وي خبر نامون بہ ٻڌندا آهيون. ڇا محض خبرن لاءِ ايترو وقت ڏيڻ ضروري آهي؟ ڇا واقعي زندھ رهڻ لاءِ ايتري معلومات جو هجڻ لازمي آهي؟ علم ۽ ڄاڻ ضرورت جي مطابق حاصل ڪيو وڃي تہ کهڙو حرج آهي؟ آخر اسان کي ان وقت جو حساب بہ تہ ڏيڻو آهي (ص:39).
12. حضرت عمر فاروق رضي الله عنہ عنہ جو قول آهي تہ "حاسبوا قبل ان تحاسبوا" پنهنجو حساب ڪري وٺو ان کان پهريان جو توهان کان حساب ورتو وڃي (ص:39).
13. صبح ۽ شام جو چند گهڙيون اهڙيون هجڻ گهرجن جنهن ۾ پنهنجي زندگيءَ جي باري ۾ سوچجي ۽ نيت کي ڏسجي. منهاج القاصدين ۾ علامہ ابن جوزي رحمتہ الله عليہ لکي ٿو تہ حضرت شبلي رحہ حضرت ابو الحسنين نوري رحہ وٽ ويو. اتي پهچي ڏٺائين تہ هو بلڪل خاموش ويٺا آهن. شبلي رحہ انهن کان پڇيو تہ توهان اهو مراقبو ۽ سڪون جو انداز ڪنهن کان سکيو؟ تہ حضرت نوري رحہ جواب ڏنو تہ اسان وٽ هڪ ٻلي هئي ان کان سکيم. جڏهن هوءَ شڪار جو ارادو ڪندي آهي تہ پنهنجو پاڻ کي اهڙو ساڪن (بند) ڪري ڇڏيندي آهي جو ان جو هڪ وار بہ نہ چرندو آهي. بس صبح ۽ شام ۾ ڪجھ گهڙيون اهڙيون ضرور هجڻ گهرجن جنهن ۾ پنهنجي ڪمن ڪارن جو جائزو وٺجي تانتہ آهستہ آهستہ سستي ختم ٿي وڃي. (ص70).
14. شير شاھ سوري پنجن سالن ۾ اهڙا تعميري، تنظيمي ۽ اصلاحي ڪم سرانجام ڏنا جنهن جي لاءِ هڪ صدي جو عرصو گهرجي پيو. سندس چوڻ آهي تہ وڏو ماڻهو اهو آهي جيڪو پنهنجو سڄو وقت ضروري ڪمن ۾ صرف ڪري (ص81).
15. صبر ٻہ قسم آهي، هڪ بدني جنهن م عبادت جي مشڪل عملن کي برداشت ڪرڻ آهي. ٻيو آهي نفسانيءَ هيءَ خواهشات کي گهرجن ۽ طبيعت کي وڻندڙ شين کان روڪڻ آهي. هيءَ قسم صبر جو جيڪڏهن پيٽ ۽ شرمگاھ جي خواهش جي باري ۾ آهي تہ ان جو نالو "عفت" آهي. جيڪڏهن ميدان جنگ ۾ صبر آهي تہ ان جو نالو "شجاعت" آهي. اگر ڪاوڙ نہ ڪرڻ جي باري ۾ آهي تہ ان جو نالو "حلم" آهي. جيڪڏهن ڪنهن پريشان ڪندڙ مصيبت جي باري ۾ آهي تہ ان جو نالو "فراخي" آهي. اگر ڪنهن ڳالھ کي لڪائڻ جي باري ۾ آهي تہ ان جو نالو "رازداري" آهي. اگر زائد ضروريات تي مطمئن آهي تہ ان جو نالو "قناعت آهي." (ص111).
16. بدگماني موجوده دور ۾ مسلمانن جي سڀ کان وڏي ڪمزوري آهي. مسلمانن کي ايٽمي قوت تباھ نہ ٿي ڪري سگهي مگر بدگماني تباھ ڪري ڇڏي ٿي (ص112).
17. ڪنهن ڳوٺ ۾ مينهن نہ پيو وسي، نماز استسقاء پڙهڻ جو اعلان ٿيو. ڳوٺ وارا اچي ڪَٺا ٿيا. ڏٺو ويو تہ هڪ يارهن سالن جي ننڍڙي نياڻي بہ پنهنجي هٿ ۾ "ڇٽي"

ڪٽي ميدان ۾ اچي رهي آهي. ماڻهن چيس ڏيءَ! اسان ته اجان مينهن لاءِ دعا گهرڻ پيا وڃون، تون ”ڇٽي“ چو کڻي آئي آهين؟ نياڻيءَ معصوميت سان جواب ڏنو ته جڏهن اسان دعا گهري واپس ايندا سين ته ان مهل ته مينهن وسي رهيو هوندو. بس زندگيءَ ۾ دعائن جي ڪاميابي لاءِ اهڙو يقين هجڻ گهرجي. (ص: 113).

18. حضرت ابو درداء رضي الله عنه فرمايو ته! پنهنجي ڪنن کي وات کان انصاف وٺي ڏيو! توهان کي وات هڪ ۽ ڪَن ٻه ڏنا ويا آهن ته جيئن ڳالهائڻ کان وڌيڪ ٻڌو! هڪ بزرگ مخلد بن حسين جو چوڻ آهي ته پنجاهه سالن ۾ مون اهڙي ڪا به ڳالهه نه ڪئي آهي جنهن جي مون کي معذرت ڪرڻي پوي. هڪڙي بزرگ خاموشي کي مختلف مثالن سان هن طرح سمجهايو آهي.

عبادت آهي بغير محنت جي
رعب آهي بغير بادشاهي جي
ڪوٽ آهي بغير ديوار جي
فتح آهي بغير هٿيار جي
آرام آهي ڪراما ڪاتبين جي لاءِ
قلعو آهي مئومنن جو
طريقو آهي عاجزن جو
دٻدٻو آهي حاڪمن جو
خزانو آهي حڪمتن جو
۽ جاهلن لاءِ جواب آهي (ص150)

19. ماهرن ”يادگيري“ يعني قوت حافظ جا چار دشمن ٻڌايا آهن. انهن جي ڪري ماڻهو حافظي مان فائدو نٽو وٺي سگهي. (1) لاپرواهي (2) ٿڪاوٽ (3) ذهن کي استعمال نه ڪرڻ (4) توجهه کي هڪ جاءِ تي نه ٽڪائڻ. (ص279).

20. ۽ ماهرن حافظو وڌائڻ جا چار دوست ٻڌايا آهن. جنهن سان حافظو ترقي ڪري ٿو، يعني يادداشت وڌي ٿي. (1) هوشياري (2) دلچسپي (3) خواهش (4) يڪسوئي .

21. جيڪي ماڻهو حالات کي سمجهي رستو تبديل ڪندا آهن انهن کي توهان مفاد پرست نه چئو، بلڪ اِهي ته دورانديش چئبا. ڇڙو پنهنجي ”انا“ خاطر اڙجي ويهڻ چڱي ڳالهه نه آهي. (ص91).

ضرور نه آهي ته توهان خطرات ۾ ٽپو ڏيو ته پوءِ بهادر چئبؤ! نه ته نه. پر بهادر هن حالت ۾ به سڏبؤ جو نتيجي تي نگاهه رکي فيصلو ڪري وٺو ته هن وقت خطري کان بچڻ ئي بهتر آهي. ۽ ان جو منصبي فرض به هن کي اهو ئي حڪم ٿو ڪري ته هو پاڻ کي خطري کان بچائي. (ص:109).



نديم احمد سولنگي

# نهوڙيندڙ عادتون

زندگي هڪ بامقصد شيءِ آهي جنهن جو سڌو رستو (صراط مستقيم) به مقرر هئڻ گهرجي. جيڪو ماڻهو انهيءَ سڌي رستي تي هلي، اهو لازمي طور تي ڪاميابي جي منزل تي رسندو آهي. انهيءَ سفر ۾ رڪاوٽ وجهڻ واري صرف هڪ شيءِ آهي. اهو آهي هيڏانهن هوڏانهن ڀٽڪڻ (Distraction) ۽ صراط مستقيم کان منحرف ٿيڻ. جنت ۾ ماڻهو لاءِ جيڪو منع ڪيل وڻ هو سو اصل ۾ انهيءَ (ڀٽڪڻ) جي علامت هو. انهيءَ جي ذريعي ماڻهوءَ کي حياتيءَ جي منڍ ۾ ئي ٻڌايو ويو ته جنهن دنيا ۾ توکي امتحان لاءِ موڪليو پيو وڃي، اُتي تنهنجي لاءِ ڪيترائي منع ٿيل وڻ يعني ڊسٽريڪشن جا اسباب هوندا. جيڪڏهن تون پنهنجو پاڻ کي انهن منع ٿيل وڻن طرف ڀٽڪڻ کان بچائي ورتو ته تون ڪاميابيءَ سان ٻيهر پنهنجي منزل تي پهچي ويندين، ٻي صورت ۾ توکي ٻيهر جنت ملڻ واري ناهي.

هي ڀٽڪڻ مختلف صورتن ۾ هوندو آهي. ماڻهو جيڪڏهن غور ۽ فڪر کان ڪم وٺي ته ان کي سچائي پاڻ کي ڀٽڪڻ کان بچائي سگهي ٿو، پر سڀ کان وڌيڪ خطرناڪ ڀٽڪڻ اهو آهي جو ماڻهوءَ جي زندگيءَ ۾ عادت بڻجي داخل ٿي وڃي. ماڻهو جنهن شيءِ جو عادي بڻبو آهي، هو ان کي بنا سوچڻ سمجهڻ جي ڪرڻ لڳندو آهي ۽ سندس غيرشعوري عمل جو حصو بڻجي ويندو آهي. موجوده زماني ۾ انهيءَ قسم جون ڪيتريون ئي نيون عادتون پيدا ٿي پيون آهن ۽ ماڻهو بري طرح انهن جا عادي (Addict) ٿي ويا آهن.

انهن مان هڪ هيءَ آهي ته ڪيترا ماڻهو موبائيل فون جا رسيا بڻجي وڃن ٿا. ڪيترا ماڻهو ٽيليويزن تي ويهڻ جا عادي بڻجي وڃن ٿا. انهيءَ نهوڙيندڙ عادتن ماڻهن کي هڪ وڏي محروميءَ ۾ مبتلا ڪري ڇڏيو آهي. اها هيءَ ته الله تعاليٰ انسان کي دماغ ڏنو هو ته هو وڏيون ڳالهيون سوچي، وڏين حقيقتن کي دريافت ڪري ۽ انسان دوست عملن جي ذريعي پنهنجي شخصيت جي ارتقا ڪري. ليڪن هينئر ڏسو ته هر ماڻهو موبائيل ڪنيو ننڍين ننڍين بيڪار ڳالهين ۾ مشغول رهي ٿو.

غير ضروري خبريت ۽ تفريح جي ڪيڏي ڪلاڪن جا ڪلاڪ ٽي ويءَ تي وڃائي ٿو، ڪيس وڏين وڏين انساني ڳالهين تي غور ڪرڻ ۽ انسان دوستيءَ جي سرگرمين لاءِ وقت ئي نٽو ملي. ڪيڏي نه بدقسمتي آهي اهڙن ماڻهن جي.